روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :12 | خميس 02 نومبر 2023 ع بمطابق 17 ربيع الثاني 1445ھ | شمارو:22 | قيمت10 رپيا

اليڪشن ڪميشن پنهنجا نوازيو پاليسي تحت ڪم نہ ڪرائي: مراد شاھ

سنڌ صوبي جا ترقياتي ڪم بند ڪري اتان جي ماڻهن کي سزا ڇو پئي ڏني وڃي، اليڪشن ڪميشن ڪجھ اسڪيمن جي اجازت ڏئي رهيو آهي تہ ڪجھ تي اعتراض ٿي رهيا آهن

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا نگران هجڻ گهرجن؟ اسان سان ناانصافي ٿي رهي آهي. نگران حڪومت پنهنجو ڪم ڪري، اسان 2 ارب ڊالر کان وڌيڪ پئسا ورلڊ بينڪ، ايشين بينڪ ۽ ٻين ذريعن کان جمع ڪيا

اسان جي ڪنهن سان بہ شڪايت نہ آهي. اسان کي حڪومت هلائڻ جو تجربو آهي. 2022 ۾ جڏهن ٻوڏ آئي هئي تہ ان جون تباهہ ڪاريون ختم نہ ٿيون

70 سيڪڙو صوبو پاڻي ۾ ٻڏي ويو، هارين ۽ آبادگارن کي نقصان پهتو. 21 لک گهر تباھ ٿيا. پيپلز پارٽي جي چيئرمين نوان گهر ٺهرائي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان تي عمل بہ ڪيو ويو

پ پ جي ڪوشش سبب جنيوا ڪانفرنس منعقد ٿي. سنڌ واحد صوبو هو جنهن ڪانفرنس جي لاءِ تياري ڪئي هئي

آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو مسلسل رابطي ۾ هئا. هنن جي مون سان جڏهن بہ ناراضگي ٿي اها انهن ڳالهين تي ٿي تہ اوهان ٻوڏ متاثر ماڻهن وٽ جلدي پهچو

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ ۽ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ چيو آهي تہ سنڌ صوبي جا ترقياتي ڪم بند ڪري اتان جي ماڻهن کي سزا ڇو پئي ڏني وڃي، سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاھ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ اليڪشن ڪميشن ڪجھ اسڪيمن جي اجازت ڏئي رهيو آهي تہ ڪجھ تي اعتراض ٿي رهيا آهن. اليڪشن ڪميشن پنهنجا نوازيو پاليسي تحت ڪم نہ ڪرائي. هن چيو تہ ترقياتي اسڪيمن تي پابندي هجڻ ٿي نہ گهرجي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا نگران هجڻ گهرجن؟ اسان سان ناانصافي ٿي رهي آهي. نگران حڪومت پنهنجو ڪم ڪري. مراد علي شاھ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ (بي آءِ ايس پي) متعلق ٿيل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

حڪومتي ڪميٽي رد، فيض آباد ڌرڻي جو ماسٽر مائينڊ ڪير هو: چيف جسٽس

ڌرڻو اوچتو نہ ٿيو، ڌرڻي کي مينيج ڪير ڪري رهيو هو ۽ عدالتي فيصلي تي اڄ تائين عمل ڇو نہ ڪيو ويو آهي، حڪومت سڌو سنئون ڇو نہ ٿي ٻڌائي، اسان ڪم ڪرڻ نہ ٿا چاهيون: جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

19 آڪٽوبر تي حڪومت فيڪٽ فائينڊنگ ڪميٽي جوڙي، 26 آڪٽوبر تي ڪميٽي جو اجلاس ٿي چڪو آهي: اٽارني جنرل

ڪميٽي جي ٽي او آر جي ذريعي ٿي سيني ماڻهن کي بري ڪيو ويو آهي، ڪميٽي جي رپورٽ ۾ ڪا بہ دلچسپي نہ آهي: چيف جسٽس

عدالتي فيصلي تي اڄ تائين عمل ڇو نہ ڪيو ويو، هڪ صاحب ٻاهران امپورٽ ٿيو ۽ واپس هليو ويو، اربين روپين جو نقصان ٿيو پر سرڪار کي پرواھ نہ آهي

حڪومت انڪوائري ڪميشن ۾ اهڙن ماڻهن کي شامل ڪري جيڪي ان ڪم جا اهل هجن: جسٽس اطهر من الله

ڇا ڪينيڊا مان ماڻهو هتي اچي ڌرڻو هڻن تہ ڪير نہ پڇندو، ڇا پاڪستاني ڪينيڊا وڃي اهڙا ڌرڻا هڻي سگهن ٿا، پاڪستان ۾ ڪير بہ نہ ٿو پڇي: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي تہ اسان ڄاڻڻ چاهيون ٿا تہ فيض آباد ڌرڻي جو ماسٽر مائينڊ ڪير هو، ڌرڻو اوچتو نہ ٿيو، ڌرڻي کي مينيج ڪير ڪري رهيو هو ۽ ماسٽر مائينڊ ڪير هو؟ چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ فيض آباد ڌرڻي ڪيس جي ٻڌڻي دوران چيو تہ عدالتي فيصلي تي اڄ تائين عمل ڇو نہ ڪيو ويو آهي، حڪومت سڌو سنئون ڇو نہ ٿي ٻڌائي تہ اسان ڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

زوب ۾ فورسز جو ڪامياب آپريشن، 6 دهشتگرد مارجي ويا

زوب جي علائقي سمبازا ۾ انٽيليجنس بنياد تي آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

آپريشن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 6 دهشتگرد مارجي ويا، جن جي قبضي مان هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد برآمد ٿيو

مارجي ويل دهشتگرد شهرين جي ٽارگيٽ ڪلنگ جي وارداتن ۾ ملوث هئا، علائقي ۾ امڪاني دهشتگردن جي خاتمي لاءِ آپريشن جاري رهندو

راولپنڊي (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز زوب ضلعي جي سمبازا علائقي ۾ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو، جنهن ۾ 6 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب زوب جي علائقي سمبازا ۾ انٽيليجنس بنياد تي آپريشن دوران سيڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب خلاف فيصلو محفوظ

سنڌ هاءِ ڪورٽ جماعت اسلامي جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

ميئر ضمني چونڊ ۾ حصو وٺي سگهي ٿو پر ضابطن جي ڀڃڪڙي نہ ٿو ڪري سگهي: ايڊووڪيٽ جسٽس عقيل عباسي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب کي ننڍي چونڊ ۾ حصو وٺڻ کان روڪيو وڃي، سنڌ هاءِ ڪورٽ جماعت اسلامي جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. فيصلو اڄ ٿي ٻڌائڻ جا امڪان آهن. جسٽس عقيل عباسي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

دنيا فلسطيني عوام جي قتل عام کي بند ڪرائڻ لاءِ عملي قدم کڻي: نگران وزيراعظم

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ غزه تي اسرائيل جي عام شهرين کي نشانو بڻائڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري ڇڏي آهي

گذريل ڏينهن پناهگيرن جي جباليہ ڪيمپ تي سخت بمباري ڪئي وئي آهي، اسرائيل جي بمباري سبب سوين شهري شهيد ٿيا

غزه ۾ جباليہ پناهگيرن جي ڪيمپ تي هوائي حملن ۾ وڌيڪ 100 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد جڏهن تہ 150 زخمي ٿي پيا آهن

اسلام آباد (بيورو) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ غزه تي اسرائيل جي عام شهرين کي نشانو بڻائڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري ڇڏي آهي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

شماريات کاتي گذريل مهيني آڪٽوبر جي مهانگائي بابت انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا

آڪٽوبر 2023 ۾ مهانگائي جي شرح 26.88 ۽ جولاءِ کان آڪٽوبر تائين مهانگائي جي شرح 28.48 سيڪڙو رهي: رپورٽ

آڪٽوبر ۾ شهرن ۾ مهانگائي ۾ 1.07 سيڪڙو ۽ ڳوٺن ۾ مهانگائي ۾ 1.10 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) شماريات کاتي گذريل مهيني آڪٽوبر جي مهانگائي بابت انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا آهن. شماريات کاتي موجب آڪٽوبر 2023 ۾ مهانگائي جي شرح 26.88 ۽ جولاءِ کان آڪٽوبر تائين مهانگائي جي شرح / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

جسٽس باقر جو مختلف علائقن جو دورو، گدلاڻ ڪنٽرول ڪرڻ جي هدايت

ماحول جي حفاظت، تحفظ ۽ بهتري لاءِ هڪ مؤثر انداز ۾ ڪرڻ گهرجن: نگران وڏو وزير

وڏي وزير کي مليرايڪسپريس وي منصوبي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

نگران وڏي وزير ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۾ واقع ماحوليات آفيس جو دورو ڪيو

ڪراچي (رپورٽر): سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي تہ شهر جي گدلاڻ جو مسئلو سنجيدگي سان حل ڪيو وڃي. سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (SEPA) پاڻي ۽ فضائي گدلاڻ کي سمنڊ ۾ ڇڏڻ ۽ گاڏين ۽ صنعتي اخراج کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. اهي SEPA جا بنيادي ڪم آهن جيڪي هن کي ماحول جي حفاظت، تحفظ ۽ بهتري لاءِ هڪ مؤثر انداز ۾ ڪرڻ گهرجن. وڏي وزير کي ملير ايڪسپريس وي منصوبي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. ماحوليات آفيس ڪورنگي جو دورو: نگران وڏي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: قائم مقام چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ عرفان سعادت خان جي سپريم ڪورٽ ۾ مقرر ٿيڻ جي اعزاز ۾ فل ڪورٽ ريفرنس منعقد ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد: نيشنل فوڊ سيڪيورٽي جو وفاقي وزير ڊاڪٽر ڪوثر عبدالله ملڪ اين ايف ايس اينڊ آر جي وفد سان ملاقات ڪندي

پاڪستانين جون دعائون قبول، آفريڪا هٿان نيوزيلينڊ کي شڪست

پوني (م ر د) آءِ سي سي مينز ون ڊي ورلڊ ڪپ جي 32 هين ميچ ۾ ڏکڻ آفريڪا نيوزيلينڊ کي رنسن 190 جي وڏي مارجن تان هارائي پاڪستان جي سيمي فائنل ۾ پهچڻ جون اميدون بحال ڪري ڇڏيون آهن نيوزيلينڊ ڏکڻ آفريڪا جي 358 رنسن جي ٽارگيٽ جي جواب ۾ 34 هين اوور ۾ 167 رنسن تي ڍير ٿي وئي. گليين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: هوائن ۾ تبديلي، اڄ پارو 39 ڊگري تائين پهچڻ جو امڪان

شهر ۾ اتر اوڀر طرف کان گرم ۽ خشڪ هوائون هلي رهيون آهن، جنهن سبب موسم گرم ۽ خشڪ آهي: موسميات کاتو

شام ۾ هوا ۾ نمي جو تناسب 15 کان 25 سيڪڙو تائين رهڻ جو امڪان آهي

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي جو چوڻ آهي تہ هوائن جي تبديلي کانپوءِ ڪراچي ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ شروع ٿي وئي آهي. جڏهن تہ اڄ پارو 39 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو موسميات کاتي موجب شهر ۾ اتر اوڀر طرف کان گرم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ايف آئي اي مان اهلڪارن کي پوليس کاتي ۾ واپس موڪلڻ کان روڪيو ويو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايف آئي اي ۾ ڊيوٽي ڏيندڙ اهلڪارن کي پوليس کاتي ۾ واپس موڪلڻ کان روڪي ڇڏيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ايف آئي اي ۾ ڊيوٽي ڏيندڙ اهلڪارن کي پوليس کاتي ۾ موڪلڻ جي خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي

درخواستگذار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو تہ ايف آئي اي ۾ ڪم ڪرڻ جي باوجود اهلڪارن کي واپس پوليس ۾ موڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايف آئي اي ۾ ڊيوٽي ڏيندڙ اهلڪارن کي پوليس کاتي ۾ واپس موڪلڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. اربع تي سنڌ هاءِ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: سلطان آباد ۾ پرڏيهي ڪيمپ ۾ افغانين کي واپس وٺي وڃيو پيو وڃي

بلاول ڀٽو جي سپريم ڪورٽ بار جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪ

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سپريم ڪورٽ بار جي نون چونڊيل عهديدارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

بوليويا، ڪولمبيا ۽ چلي جا اسرائيل سان لاڳاپا ختم

بوليويا پهريون لاطيني آمريڪي ملڪ بڻجي ويو

غزه جي پٽي ۾ فوجي ڪارروائي تي اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا

غزه (م د) غزه تي اسرائيل جي وحشياڻي حملن کان پوءِ ڏکڻ آمريڪا جي ٽن ملڪن بوليويا، ڪولمبيا ۽ چلي اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا ختم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ماڙي جلباڻي ڪيس جو رڪارڊ طلب، رينجرز کي جواب لاءِ مهلت

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جڊيشل انڪوائري ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

عدالت ڪيس جو مڪمل رڪارڊ، جاچ آفيسر، مدعي ۽ مقتول جي وارثن کي طلب ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سڪرنڊ جي ڳوٺ ماڙي جلباڻي ۾ 4 ڄڻن جي قتل ۽ عورتن سميت 12 ماڻهن کي زخمي ڪرڻ واري ڪيس جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

وڏي وزير جسٽس باقر سان ورلڊ بينڪ جي سربراھ جي ملاقات، جاري منصوبن تي خيالن جي ڏي وٺ

وڏي وزير جي ڪچي آبادين لاءِ هائوسنگ اسڪيم ۽ اسڪول وقت ۾ غذائي پروگرام جون تجويزون

ڪچي آبادين کي بهترين هائوسنگ اسڪيمن ۾ تبديل ڪرڻ ۽ بهتر اپارٽمنٽ ٺاهڻ چاهيان ٿو: نگران وڏو وزير

رهواسي جا حق محفوظ هجن ۽ منصوبي جي پهرين مرحلي ۾ خالي پلاٽن تي وڏيون عمارتون تعمير ڪيون وينديون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سان ورلڊ بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ناجي بينهسن وزيراعليٰ هائوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سان ورلڊ بينڪ جو وفد ملاقات ڪندي

ڪائنات سومرو ڪيس ۾ ايس ايڇ او ميهڙ عدالت طلب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ 2007 ع ۾ ميهڙ پرسان گينگ ريپ جو نشانو بڻيل نينگري ڪائنات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسان کي پنهنجن مفادن سميت سڀ شيون عزيز هجڻ گهرجن: اياز لطيف پليجو

افسوس جيڪي ۽ حڪمران اڄ ٿا اهي ٻاهرين ڊڪٽيشنز تي هلي ملڪ کي غلام بڻائي ڇڏين ٿا

پنهنجو سمنڊ، درياھ، انيڪ قدرتي وسيلا هجڻ باوجود اسان جو عوام غربت جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي

حيدرآباد (ن س) قومي عوامي تحريڪ جي سربراھ اياز لطيف پليجي چيو آهي تہ اسان کي ٻ سڀ کان پهرين پنهنجي خودمختياري، پنهنجا مفاد، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ فوڊ اٿارٽي يونيورسٽي جي شاگردن کي انٽرن شپ فراهم ڪري رهي آهي: آغا فخر حسين

پبلڪ ۽ پرائيويٽ سيڪٽر جي يونيورسٽيز سان گڏ مفاهمتي ياداشت تي صحيحون ڪيون آهن

ايگريڪلچر يونيورسٽي آف ٽنڊو ڄام جي وچ انٽرن شپ ٽريننگ جي سهولت فراهم ڪرڻ جي ايم او يو جو حصو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين چيو آهي تہ سنڌ فوڊ اٿارٽي فوڊ سائنسز اينڊ ٽيڪنالوجي ڊپارٽمينٽ جي شاگردن کي انٽرن شپ فراهم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل يونيورسٽين ۾ فوڊ ٽيسٽنگ ليبز جي قائم ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز جي صدارت هيٺ ڊي ايڇ اوز ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جو الڳ الڳ اجلاس منعقد

آن لائين اجلاس ۾ سڄي سنڌ مان ايم ايسز ۽ ڊي ايڇ اوز جي شرڪت

اسپتالن جي مجموعي صورتحال ۽ فراهم ڪيل سهولتن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

ڪراچي (رپورٽر) صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، سوشل ويلفيئر ۽ رورل ڊولپمينٽ سنڌ جي نگران صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز جي صدارت هيٺ سنڌ جي سمورن ضلعي هيلٿ آفيسرن ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جو الڳ الڳ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

غير قانوني رهندڙن کي ڏنل مهلت ختم، ڪئمپن ۾ منتقلي جاري

مختلف علائقن مان درجنين غيرقانوني مهاجرن کي حراست ۾ ورتو ويو

افغان پناهگير خاندانن کي رجسٽريشن کانپوءِ ڪيمپ ۾ منتقل ڪيو پيو وڃي: ڪنٽرول روم

چمن (م د) پاڪستان ۾ غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي پاڪستان ڇڏڻ لاءِ ڏنل ڊيڊ لائن پهرين نومبر تي ختم ٿي وئي آهي. ليويز اختيارين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

نئو واٽر سپلائي ريفرنس: آصف زرداري سميت 15 جوابدار احتساب عدالت طلب

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ ٻين جي خلاف نئو واٽر سپلائي ريفرنس تي اهم اڳڀرائي سامهون اچي وئي آهي

احتساب عدالت اڳوڻي صدر آصف زرداري سميت 15 جوابدارن کي نئو واٽر سپلائي ريفرنس ۾ ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو آهي

عدالت اڳوڻي سيڪريٽري اعجاز احمد خان، علي اڪبر، اعجاز ميمڻ، علي اڪبر ابڙو ۽ ٻين جوابدارن جا طلبي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ ٻين جي خلاف نئو واٽر سپلائي ريفرنس تي اهم اڳڀرائي سامهون اچي وئي آهي. اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

رائيونڊ: شاگرد طرفان فلسطينين جي حق ۾ نڪتل ريلي جو ڏيک

رقم رکڻ باوجود پرڏيهين جي واپسي جا اثرائتا قدم نہ کنيا ويا: لال جروار

حيدرآباد (ب ر) سنڌ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ غير ملڪين کي پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس موڪلڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عمران خان جي وڪيل جيل ۾ زهر ڏيڻ وارين خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي جيل ۾ زهر ڏيڻ واريون خبرون هلي رهيون آهن

شيراز احمد راڄڻ سنڌس وڪيل اهڙين خبرن کي بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو آهي

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل شيراز احمد رانجها عمران خان کي جيل ۾ زهر ڏيڻ وارين خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي. رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پاڪستان کي 1950 ع جي ڍانچي ۾ ڌڪيو پيو وڃي: نثار کهڙو

اليڪشن جي تاريخ جي اعلان ۾ جو دير ٿي رهي آهي جڏهن اليڪشن جي تاريخ جو اعلان ناهي ٿيندو تہ شڪ پيدا ٿئي ٿو

اهو نٿا چئون تہ اسان کي ڪنٽرول آهي پلي ڪير بہ ڪٽي، ملڪ ڪٽي جو تہ اليڪشن ملڪ لاءِ ٿئي ٿي

ڪنهن خاص سياسي پارٽي لاءِ نہ، جنهن جماعت تي پابندي نہ هجي ۽ سيني کي پنهنجن ماڻهن سان رابطي جو حق هجي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ سنڌ جي صدر سينيٽر نثار احمد کهڙو چيو آهي تہ ملڪ ۾ هن وقت آئين اڻ اعلانيل طور تي معطل آهي. پاڪستان کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان اڳوڻي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن جو نڪتل گروپ فوٽو

ڊائريڪٽر اشتهارات جي واڌو چارج امتياز جويو حوالي

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات کاتي ۾ 19 هين گريڊ جي آفيسر امتياز جويو کي ڊائريڪٽر اشتهارات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ذخيرو ڪندڙن جي خلاف آپريشن جا هاڪاري نتيجا اچڻ شروع

حڪومت سڄي ملڪ ۾ ذخيرو ڪندڙن جي خلاف آپريشن شروع ڪيو ويو

ذخيرو ڪندڙن جي خلاف 62 کان وڌيڪ آپريشن ڪاميابي سان مڪمل ڪري چڪا آهن

ڪراچي (بيورو) ذخيرو ڪندڙن جي خلاف نگران حڪومت جي آپريشن جا هاڪاري نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. نگران حڪومت، سيڪيورٽي فورسز ۽/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

روزانو استعمال ٿيندڙ شين کي وڌيڪ اگهن تي وڪرو ڪندڙن خلاف ڏنڊن جي گڏيل رپورٽ جاري

ڏکڻ سب ڊويزن جي سول لائنز واري علائقي ۾ 99 ڪيس سامهون آيا جن تي ٽوٽل 2313000 روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو: رپورٽ

شهرين کي ڪاڻي پيتي جي شين جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ ۽ وڏي پيماني تي دڪاندارن، منافع خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪارروايون جاري رکڻ جا حڪم

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو جي هدايتن تي پهرين آڪٽوبر کان 31 آڪٽوبر 2023 تائين روزانو استعمال ٿيندڙ شين کي وڌيڪ اگهن تي وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڏکڻ ڪراچي جي سب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

بي رحم پيءُ معصوم پٽ کي بي رحمي سان قتل ڪري ڇڏيو

پٽ کي بي رحمي سان قتل ڪندڙ بي رحم پيءُ کي گرفتار ڪيو ويو

پوليس ٻڌايو تہ عامر شروعاتي جاچ ۾ پنهنجي ڏوھ جو اعتراف بہ ڪري ورتو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي سعود آباد پنهنجي معصوم پٽ کي بي رحمي سان قتل ڪندڙ بي رحم پيءُ کي گرفتار ڪيو ويو. جوابدار جاچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پيٽروليم شين تي عوام کي رليف ڇو نہ ملي سگهيو؟ تفصيل سامهون اچي ويا

حڪومت طرفان عوام کي قيمتن تي رليف ڏيڻ جي بجاءِ ليوي ڊيلرز ۽ ڪمپنين جي منافعي ۾ اضافو ڪيو ويو

ڊيزل تي 6 روپيہ 44 پئسا في ليٽر جڏهن تہ پيٽرول تي عوام کي 3 روپيہ في ليٽر کان وڌيڪ جو رليف نہ ڏنو ويو

اسلام آباد (بيورو) نگران وفاقي حڪومت عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون گهٽ ٿيڻ جي باوجود پيٽروليم شين تي عوام کي رليف ڏيڻ جي بجاءِ قيمتن کي برقرار رکيو ويو آهي. ذريعن موجب حڪومت طرفان عوام کي قيمتن تي رليف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ٽورازم اينڊ هوٽل مئنيجمينٽ جو ساليانو ڪنوينشن منعقد

صوبائي وزير سياحت، ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري وزير ارشد ولي محمد ڪنوينشن جي صدارت ڪئي

سنڌ جي وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ۽ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري شرڪت ڪئي

تعريفي نشان طور سنڌ جي گورنر ۽ سنڌ جي وڏي وزير کي يادداشت نامو پيش ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ٽورازم اينڊ هوٽل مئنيجمينٽ (پٿم) پنهنجي ڇهين ساليانو ڪنوينشن جي صدارت نگران صوبائي وزير سياحت، ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري وزير ارشد ولي محمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير آئي ٽي ڊاڪٽر عمر سيف اجلاس جي صدارت ڪندي

سينيٽ اجلاس: فلسطين ۾ اسرائيلي جارحيت خلاف مذمتي قرارداد منظور

سينيٽ آف پاڪستان فلسطين سان اظهار يڪجهتي ۽ اسرائيلي جارحيت خلاف مذمت جي لاءِ گڏيل قرارداد منظور ڪري ورتي آهي

فلسطين جي لاءِ اسلامي ملڪ ڪجھ نہ ڪري رهيا آهن ترڪي بہ هڪ پاڻي جي بوتل تائين غزه ۾ نہ پهچائي سگهيو آهي

مون کي پنهنجو پاڻ کي مسلمان چوندي شرم محسوس ٿي رهيو آهي ڪو بہ مسلمان ڪجھ نٿو ڪري سگهي، جليل عباس

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ آف پاڪستان فلسطين سان اظهار يڪجهتي ۽ اسرائيلي جارحيت خلاف مذمت جي لاءِ گڏيل قرارداد منظور ڪري ورتي آهي اجلاس دوران سينيٽر سليم مانڊوي والا خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ فلسطين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

نوشهروفيروز ۾ ترقي پسند پارٽي جي پرامن احتجاج ڪندڙن تي تشدد ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي

علي اصغر ڀرٽ، اسد چانڊيو، صفدر ٻوهيو، عرفان ڏاهري، اقبال راڄپر، حبيب الله مشوري جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

فورن ايس ايس پي نواب شاهه ايس ايڇ او طفيل پٺو ۽ ٻين عملدارن کي هٽائي انصاف ڪيو وڃي : مظاهرين جون دانهون

جيستائين پوليس وارا ڪارڪن مرد ۽ عورتن آزاد نه ڪندا ته تيستائي ڌرڻو جاري رهندو، نوٽيس ورتو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نواب شاهه پوليس پاران سنڌ ترقي پسند پارٽي جي پر امن احتجاج ڪندڙ عورتن مردن ۽ ٻارن تي لاٺي چارج ۽ نثار کيريو جي پاءِ کي هاف فرائي ڪرڻ خلاف ڊاڪٽر قادر مگسي پاران سموري سنڌ ۾ نيشنل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز : ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

چيلهار ۾ نوابشاهه واقعي خلاف احتجاج، سخت نعريبازي

مٺي(رپورٽر) چيلهار ۾ نوابشاهه واقعي خلاف احتجاج، ايس ٽي جي مرڪزي رابطه سيڪريٽري نثار کيريو جي پاءِ سلمان کيريو کي هاف فراءِ ڪرڻ ۽ ڪل هڙتال واري سڏ خلاف بدل مگسي، شاهنواز کيريو سميت 25 ڪارڪنن کي گرفتار ڪري مٿن ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ صحافين کي ڪوريج کان روڪڻ عورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران ٿيندڙ غير منطقي بدلين کي رد ڪريون ٿا : سپلا سکر

اسان اهو سمجهون ٿا ته اهي بدليون بهتر ماحول ۾ هلندڙ تعليمي رجحان کي خراب ڪرڻ لاءِ ڪيون وڃن ٿيون

هن وقت سموري سنڌ اندر ڪاليجن ۾ ڀرپور تدريسي عمل جاري آهي، بدلين وارو سلسلو بند ڪيو وڃي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سپلا سکر [illegible] پروفيسر لعل بخش ڪلهوڙو، پروفيسر الطاف [illegible] پروفيسر ملهار سنڌي ۽ ٻين پنهنجي گڏيل [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

جهڏو ۾ ايس ٽي پي پاران مين مٺي ميرپورخاص روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو

احتجاج ڪندڙ ايس ٽي پي ڪارڪنن تي نوابشاهه پوليس لاٺي چارج ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي : مظاهرين

اهو عمل ناقابل برداشت ۽ مذمت جوڳو عمل آهي ايس ايس پي پرامن احتجاج ڪندڙن مٿان تشدد ڪري ظلم ڪيو آهي

معاملي جو نوٽيس وٺي ايس ايس پي نوابشاهه کي هٽايو وڃي متاثرن سان انصاف ڪيو وڃي

جهڏو(رپورٽر) جهڏو ۾ ايس ٽي پي پاران مين مٺي ميرپورخاص روڊ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

جهڏو : ايس ٽي پي ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر : بيسڪ هيلٿ سينٽر ڀيرلو ۾ غريب ماڻهن لاءِ دوائون اٽليٺ تي ويون

سکر(بيورو رپورٽ) بيسڪ هيلٿ سينٽر ڀيرلو، ۾ غريب ماڻهن لاءِ دوائون اٽليٺ تي ويون ڊيوٽي ڊاڪٽر سميت ٻيو عملو به مرضي مطابق نوڪري ڪرڻ لڳا. ڳوٺاڻي جون دانهون اختيار ڌڻين کان نوٽيس وٺڻ جي گهر. تفصيل موجب. بنيادي صحت مرڪز ڀيرلو، ۾ پي پي ايڇ آئي پاران مقرر ڊاڪٽر توڙي ٻيو عملو غريب ۽ ٻي بهچ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نگران وڏو وزير مليرءَ ڪورنگي پهتو، ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن، انسپيڪشن آفيسر ۽ ٽپيدار معطل

تعليم کاتي جا آفيسر پنهنجن اسڪولن ۾ تعليمي ماحول کي بهتر بڻائڻ ۾ مڪمل ناڪام ويا آهن : نگران وڏو وزير سنڌ

شهر جي ڪنهن به روڊ تي حدخليون ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وڃن ۽ ڪنهن به ريڙهي واري کي بيروزگار نه ڪيو وڃي

جلد کان جلد قبرستان سميت ڀرپاسي واري علائقي کي جلد صاف ڪيو وڃي ۽ ڪين علائقن کي مڪمل صاف سٿرو بڻايو وڃي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول مليرءَ ڪورنگي ضلعي جو اوچتو دورو ڪيو ۽ اسڪولن جو معائنو ڪرڻ ۾ لاپرواهي ۽ ڊيوٽي تي غير حاضر رهڻ تي ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن، چيف مانيٽرنگ آفيسر (CMO) ايجوڪيشن مليرءَ مليرجي ٽپيدار کي معطل ڪري ڇڏيو وڏي وزير چيو ته تعليم کاتي جا آفيسر پنهنجن اسڪولن ۾ تعليمي ماحول کي بهتر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽي ۾ آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئيشن ۽ سنڌ ٽپيدار ايسوسيئيشن پاران احتجاج جاري

توفيق ميمڻ، سڪندر منگسي، نائو خان جوکيو، فهيم دائود پوٽو، اصغر پارهيڙي، حسن ناريجو، غلام نبي ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

روينيو کاتي جي ملازمن کي احتجاج ڪندي 5 ڏينهن گذري ويا آهن پر ڊي سي ٺٽو اسان جا جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي : مظاهرين

فورن ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪري پريشاني کان بچائي، ٻئي صورت ۾ سنڌس خلاف پوري سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ کي وسيع ڪيو ويندو

ٺٽو(ڊ ر) آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئيشن ۽ سنڌ ٽپيدار ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي پاران پنجين ڏينهن تي پڻ مرڪزي اڳواڻن سان گڏ پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا توڙي ڊي سي ٺٽو پاران ملازمن خلاف شروع ڪيل انتقامي ڪاروائين./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو: متاثر ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي : پ پ اڳواڻ معاذ خان ۽ حاڪم علي جسڪاڻي پاران ڪارنر تقريب ڪوٺائي وئي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ماڙيپور مسلم ڪالوني ۾ پ پ اڳواڻ معاذ خان ۽ حاڪم علي جسڪاڻي پاران پي پي يو سي ماڙيپور ٽي جي صدر ۽ چيئرمين جي اميدوار سيف الله نور جي اعزاز ۾ ڪارنر تقريب ڪوٺائي وئي، تقريب ۾ اڳوڻي وائيس چيئرمين چوڌري سعيد اقبال حبيب الله محمود وسيم جسڪاڻي./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه پاران مارڪيٽن جو اوچتو دورو

مختلف مارڪيٽن جي دڪانن تي وڃي ڪاڌي پيتي واري شين جا اگهه معلوم ڪيا

سرڪاري اگهن تي عملدرآمد نه ڪرڻ تي مختلف دوڪاندارن تي ڏنڊ هنيو ويو

ايڪسپائر ايٽمن کي دڪانن مان ضايع ڪرڻ جون پڻ سختي سان هدايتون

خانپورمهر(رپورٽ: آفتاب سيال) اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه ردا زهرا ٽالپر پاران شاهپور مهر جي مارڪيٽن جو اوچتو دورو، خبر موجب اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه ردا زهرا ٽالپر پاران شاهپور مهر جي مارڪيٽن جو دورو ڪيو ويو. اسسٽنٽ ڪمشنر شاهپور مهر ۽ لوهي جي مختلف مارڪيٽن جي دڪانن تي وڃي ڪاڌي پيتي واري شين جا اگهه معلوم ڪيا ۽ سرڪاري اگهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شيخ ڀرڪيو ۾ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان پاران کلي ڪچهري منعقد

شهرين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن پاران ايس ايس پي کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا

شهرن ۾ منشيات مڪمل بند آهي، ڀهراڙين ۾ منشيات جي شڪايتن تي ڪاروايون جاري آهن : ايس ايس پي

شيخ ڀرڪيو جي ڀهراڙين ۾ منشيات فروشن کي فورن گرفتار ڪيو ويندو، منشيات فروشن کي بخش نه ڪبو

ٽنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي) شيخ ڀرڪيو ۾ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان پاران کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي، عوام جون منشيات ۽ چورين جي آزار خلاف شڪايتن جا انبار، شهرين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن پاران ايس ايس پي کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا. شهرن ۾ منشيات مڪمل بند آهي ڀهراڙين ۾ منشيات جي شڪايتن تي ڪاروايون جاري آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان : ايس ايس پي کلي ڪچهري کي خطاب ڪري رهيو آهي

سٽي انچارج ڪوٽا پوري ڪرڻ لاءِ اسان تي ڪا ايف آئي آر ڪٽڻ ٿو چاهي : بدين ۾ دانهون

بدين(ڊ ر) بدين سٽي انچارج پاران بار بار تذليل ۽ ڀاڙي ۾ ساک متاثر ڪرڻ تي دوست علي ڀٽي پاران آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کي سوشل ميڊيا ذريعي گذارش ڪئي آهي هوهڪ معذور ماڻهون آهي سندس ڪٽنبن تي ڪا منشيات نٿي هلي سٽي انچارج ڪنهن کان تصديق ڪري ولي هن بڌايو آئون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

جوهي پريسان ڳوٺاڻن پاران پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ٽي هفتا اڳ نصيرآباد مان ناري ليلا سان بابر ڪلهوڙو عدالتي نڪاح ڪري شادي ڪئي جيڪي اسان سان رابطي ۾ ئي ناهن رهيا : مظاهرين

عدالتي پرٽو ڪندڙ جوڙي کي نصيرآباد ٿاڻي تي جيستائين پيش نه ڪندو اوستائين اوهان خلاف گرفتاريون پوليس ناجائز چڙهائيو جاري رهنديون

پوليس خلاف لڳايل الزامن جي انڪوائري ڪرائي بيگناهه ڪنبي گهر ڪيل سليم ڪلهوڙو کي آزاد ڪري انصاف ڏياري واهر ڪئي وڃي

جوهي(رپورٽر) نصيرآباد پوليس جوهي پوليس سان گڏجي جوهي دادو مين روڊ تائين شاخ پرسان ڪلهوڙا برادري جي گهرن ۾ آڌي رات جو داخل ٿي گهر ۾ رستل عورتن معصوم ٻارڙن مٿان سخت تشدد ڪندي 16 سالہ ٽينگر سليم تي وارث عورتن اڳيان سخت تشدد تذليل ڪندي ڪنبي گهر ڪرڻ تي نصيرآباد ۽ جوهي پوليس خلاف ڪلهوڙا برادري جي متاثرين عورتن مسمات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪراچي ۾ سنڌي شاگرد ست پاران احتجاج جاري، نعريبازي

وي سي خالد عراقي جو سنڌي شاگردن سان رويو تعصباڻو آهي : شاگردن جون دانهون

معاملي جو نوٽيس وٺي شاگرد دشمن پاليسي ختم ڪري واهر ڪئي وڃي

ڪراچي(باغي ساگر ڀهنوار) سنڌي شاگرد ست پاران ڪراچي يونيورسٽي جي KSPپاليسي خلاف شاهد شر، عامر ٿنيو ،نويد عباس، دلبر ميمڻ، نظير احمد، اشفاق ڪوس، ميمونہ ،پريات، رضوانہ، عقب بانو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٻن ڏينهن کان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو ۾ صوبائي محتسب اعليٰ پاران ڊسٽرڪٽ جيل جو دورو

قيدين سان ملاقات دوران هن قيدين کي ملندڙ سهولت بابت ڄاڻ ڏني وئي

دادو جيل ۾ 250 قيدين جي رهڻ جي گنجائش آهي : ريجنل ڊائريڪٽر نادر جمالي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) صوبائي محتسب اعليٰ دادو جو ريجنل ڊائريڪٽر نادر علي جمالي پنهنجي اسسٽنٽ رجسٽرار سميع الله جوڻيو ۽ ڊي ايڇ او دادو عبدالحميد ڪوهارو سان گڏ ڊسٽرڪٽ جيل جو دورو ڪيو ان موقعي تي جيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو : صوبائي محتسب اعليٰ جيل جو دورو ڪري رهيو آهي

غوثپور ۾ پ پ اڳواڻ الطاف احمد خان ڪوسو جي سالگرهه تقريب

پارٽي ورڪرن سان گڏجي پارٽي آفيس ۾ سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

الطاف احمد خان ڪوسو جي پارٽي ۽ عوام جي ڪيل خدمتن کي ساراهيو ويو

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع ڪشمور جي جنرل سيڪريٽري [illegible] چيئرمين ضلع ڪائونسل مير الطاف احمد خان ڪوسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو : سرڪاري زمينن تان غيرقانوني قبضا خالي ڪرائڻ وارو جاري

هڪ ٽريڪٽر کي تحويل ۾ وٺي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ سميت گرفتار

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي : عملدار

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽي ضلعي جي [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو غلام حيدر ۾ ايس ٽي پي پاران نوابشاهه پوليس خلاف ريلي

ڪمن لاکو، عبدالله اعوان، عظيم شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ايس ايس پي نوابشاهه پرامن احتجاج ڪندڙن مٿان بنا جواز تشدد ڪيو آهي : مظاهرين

ٽنڊو غلام حيدر(رپورٽر) ٽنڊوغلام حيدر ۾ ايس ٽي پي پاران نوابشاهه پوليس خلاف ريلي ڪڍي نعريبازي ڪندي سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو غلام حيدر : نوابشاهه واقعي خلاف ايس ٽي پي ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

مختيارڪار نوشهروفيروز جي هٽ ڌرمي خلاف احتجاج

مختيارڪار عزيز جوڻيجو جي چارج سنڀالڻ بعد ڪم ڪار ٺپ ٿي ويو آهي : مظاهرين

نااهل مختيارڪار عزيز جوڻيجو کي هٽائي اهل مختيارڪار مقرر ڪرايو وڃي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) مختيارڪار نوشهروفيروز جي هٽ ڌرمي ۽ ڪاتيدارن جا ڪم ڪار نه ڪرڻ خلاف آفيس عملي ۽ ٽپيدارن جو مختيار ڪار خلاف سندس ئي آفيس ۾ احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري ورتي احتجاج جي اڳواڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نئون ڪوٽ ۾ جهڏو جي نادرا ملازم خلاف شهري پاران احتجاج

عملدار اشوڪ ڪمار کيتري وقت کان دلاسا ڏئي رلائي رهيو آهي : مقصود علي جٽ

برٿ سرٽيفڪيٽ لاءِ جهڏو نادرا آفيس جا چڪر ڪٽي رهيو آهيان، انصاف ڏياريو وڃي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) جهڏو جي نادرا ملازم خلاف شهري جو پريس ڪلب آڏو احتجاج، انصاف جي گهر، نئون ڪوٽ جي شهري مقصود علي جٽ نئون ڪوٽ پريس ڪلب پهچي ڏانهينڊي چيو ته ڏيڍ مهيني کان ٻارن جي برٿ سرٽيفڪيٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نئون ڪوٽ : شهري نادرا عملي خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سامارو : صحافين پاران منڊائو جي مختلف ڊائريڪٽ واٽر ڪورسن ۽ شاخن جو دورو

واهه تي پاڻي چوري عروج تي وڏن بااثر زميندارن کي ديدادليري سان پاڻي وڪرو ڪيو پيو وڃي

رڪارڊنگ ڪرڻ تي راڄ واهه تي آبادگارن ۾ ٽاڪوڙا پائپ ڪٽندي پڇندي نظر آيا

سامارو(رپورٽر) ڪجهه ڏينهن اڳ سامارو نيشنل پريس ڪلب اڳيان ڪالرو برادري جي حاڪم ڪالرو پاران پنهنجون معصوم نياڻيون کٽي روڊ تي پاڻي لاءِ ڏرڻو هنيو ۾ هن مسڪين جو ته وارو مري ويو حالت اها آهي جو داروغن پاران ڏاڍڙ پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو پرسان سماجي تنظيم اير ڊي ايف پاران "ورلڊ فوڊ ڊي" ملهايو ويو

دنيا جي آبادي مسلسل وڌي رهي آهي جنهن لاءِ مڪمل ۽ متوازن خوراڪ جو هجڻ ضروري آهي : اڳواڻ

هاڻي اها اسان جي ذميواري آهي ته خوراڪ جي وسيلن کي اسان ڪيئن بچايون ٿا

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ضلعي دادو جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي يونين ڪائونسل گوزو جي ڳوٺ پيچاهو ۾ سماجي تنظيم اير ڊي ايف پاران "ورلڊ فوڊ ڊي" ملهايو ويو جنهن ۾ ڳوٺ جي سوين عورتن ۽ مردن شرڪت ڪئي تقريب ڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

صحت کاتي سنڌ پاران مقرر ويڪسينٽرن کي ڪمپيوٽر ڏنا آهن : ڊي ايڇ او سکر

صحت کاتي سکر جا ڪيترائي ڊاڪٽر پي پي ايڇ آئي سينٽرن تي ڪم ڪري رهيا آهن

ضلعي ۾ سموريون ڊسپينسريون اسان جي انڊر آهن، دوائون به صحت کاتو مهيا ڪري ٿو

سکر(بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سکر پاران رڪارو سيو ڪرڻ لاءِ پنهنجي آفيس ۾ سکر جي ڇئن تعلقن جي ويڪسينٽرن کي ڪمپيوٽر ڏيندي انڪشاف ڪيو آهي ته صحت کاتي سکر جا ڪيترائي ڊاڪٽر پي پي ايڇ آئي سينٽرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر: تقريب دوران ڪمپيوٽر ڏنا پيا وڃن

وارهه ۾ تعلقہ پريس ڪلب جو مهانو اجلاس منعقد

اجلاس ۾ صدر طالب حسين چانڊيو، جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چنو ۽ ٻين جي شرڪت

سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي وزٽ ڪري انهن تي رپورٽنگ ڪرڻ تي غور ويچار

شاگردن کي سهولتون نه ملڻ سارين تي غيرقانوني ڪٽوتي ڪرڻ تي رپورٽنگ تيز ڪرڻ جو لاءِ عمل جوڙيو ويو

وارهه(رپورٽر) وارهه ۾ تعلقہ پريس ڪلب جو مهانو اجلاس صدر طالب حسين چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس ۾ صدر طالب حسين چانڊيو، جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چنو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سميع الله ٻگهيو، پريس سيڪريٽري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

وارهه : اجلاس بعد اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ڪنڊيارو ۾ دڪاندارن ۽ ڊيلرن سان يوريا ڀاڻ جي قلت ۽ آبادگارن جي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه

ڪنڊيارو(رپورٽر) ڪنڊيارو اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس ۾ زراعت کاتي سميت يوريا ڀاڻ وڪرو ڪندڙ دڪاندارن ۽ ڊيلرن سان يوريا ڀاڻ جي قلت ۽ آبادگارن جي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ٿي گذري، تفصيل موجب تعلقي ڪنڊيارو ۾ يوريا ڀاڻ جي قلت ۽ آبادگارن پاران ڀاڻ نه ملڻ تي اسسٽنٽ ڪمشنر رضا محمد شر پاران پنهنجي آفيس ۾ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو محمد خان : فاران شوگر مل انتظاميه پورهيتن جا تسليم ڪيل مطالبا پورا نه ڪيا

انتظاميه پاران سمورا مطالبا تسليم ڪندي چارٽر آف ڊمانڊ تي عمل ڪرڻ جو يقين ڏياريو ويو پر واهر نه ٿي

مهينو گذرڻ باوجود اڃا تائين ملازمن جو ڪو هڪ به مطالبو تسليم ناهي ڪيو ويو، واهر جي اپيل

ٽنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي) فاران شوگر [illegible] ڏينهن اڳ پيپلز مزدور يونين فاران شوگر مل شيخ [illegible] سمورا مطالبا تسليم ڪندي چارٽر آف ڊمانڊ تي [illegible] اڃا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دولتپور صفن ۾ پ ٽ الف تعلقي قاضي احمد پاران احتجاجي مظاهرو نعريبازي

پرائمري استاد غلام حسين چانڊيو کان موٽرسائيڪل موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

استاد غلام حسين چانڊيو کان هٿياربندن سي ڊي موٽرسائيڪل موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦرڪئي : مظاهرين جون دانهون

استاد جي ڦريل موٽرسائيڪل ۽ سامان واپس نه ٿيو ته احتجاج جو سلسلو وڌايو ويندو، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

دولتپور صفن(رپورٽر) پ ٽ الف تعلقي قاضي احمد [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دولتپور صفن : پرائمري استاد کان ڦر واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي جي عدالت ۾ داخل ڪيس خارج ڪري فيصلو محبوب خاصخيلي وارثن جي حق ۾ ڏئي ڇڏيو

ٺٽو(ڊ ر) آمريڪا جي رهواسي ضياءِ الحسن پاران هڪ هٽ نوڪي اٿارٽي جي آڊار تي سال 2019 دوران سول ڪورٽ ٺٽي ۾ جهمپير جي معزز گهراڻي جي فرد محبوب خاصخيلي ۽ سندس رشتيدارن تي ڪيس داخل ڪري دعوا ڪئي هئي ته جهمپير چوڪ لڳ مڪان ايرندو چڪرو ۾ 5 ايڪڙ قيمتي زمين سندن خريد ڪيل آهي، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

جيڪب آباد ۾ حڪومتي هدايتن تحت پرڏيهي پناهگيرن لاءِ ڪيمپ قائم

پرڏيهي پناهگيرن لاءِ سڪيورٽي پلان پڻ ترتيب ڏنو ويو آهي : ايس ايس پي جيڪب آباد سيد عامر عباس شاهه

غير قانوني طور تي رهندڙ سمورن پرڏيهين جي سيڪيورٽي لاءِ سيڪيورٽي پلان جوڙيو ويو آهي

200 پوليس اهلڪار ۽ جوان، 50 اسپيشل برانچ جا آفيسر ۽ جوان، 30 شهباز رينجرز جا جوان مقرر ڪيا ويا آهن

جيڪب آباد(رپورٽر) جيڪب آباد ۾ حڪومتي هدايتن تحت پرڏيهي پناهگيرن لاءِ ڪيمپ قائم ڪئي وئي. پرڏيهي پناهگيرن لاءِ سڪيورٽي پلان پڻ ترتيب ڏنو ويو آهي. ايس ايس پي جيڪب آباد سيد عامر عباس شاهه جي هدايتن تي ضلعي پوليس پاران غير قانوني طور تي رهندڙ سمورن پرڏيهين جي سيڪيورٽي لاءِ سيڪيورٽي پلان جوڙيو ويو آهي. جنهن ۾ 200 پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان : نوابشاهه ۾ عورتن ۽ ايس ٽي پي اڳواڻن تي تشدد خلاف احتجاج

ڪارڪنن کي بلاجواز گرفتار ڪري عورتن ۽ ٻارڙن تي سخت تشدد ڪيو ويو آهي : مظاهرين

ان کي اها خبر نه آهي ته نثار کيريو اڪيلو نه آهي ساڻس سموري سنڌ جي عوام گڏ آهي

معاملي جو نوٽيس وٺي ايس ايس پي نوابشاهه کي فلفور هٽائي نوابشاهه جو امن بحال ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي) نوابشاهه ۾ عورتن ۽ ايس ٽي پي اڳواڻن شاهنواز کيريو علي نواز ڪاتيار بدل مگسي ۽ ٻين جي گرفتاري خلاف ملا ڪاتيار ۾ ضلعي اڳواڻ بجل سنڌي تعلقہ بلڙي شاهه ڪريم ايس ٽي پي يو سي اڳواڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو محمد خان : ايس ٽي پي پاران نوابشاهه واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽري ميرواهه ڳوٺ محمد صالح خاصخيلي 30 سالا نوجوان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ٽري ميرواهه(رپورٽر) ٽري ميرواهه ڳوٺ محمد صالح خاصخيلي 30 سالا نوجوان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي ٽن ٻارن جي پي شاهد حسين خاصخيلي ڳجهي ۾ رسو وجهي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي آهي ڳوٺ ۾ چوپول آهن ته نوجوان آئيس جو عادي هيو. لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

خيرپور ۾ نم موڙ واسي جو معصوم ٻارن سميت پنهنجي اسڪول جي مالڪ خلاف احتجاج

اسڪول فيس بهاني سوا لک روپيه گهرڻ جا الزام، رقم نه ملڻ سبب ڇئن ٻارن کي اسڪول مان ڪڍي ڇڏيو

ٻن سالن کان مستقبل داءَ تي لڳل، نيڪ مردن کي دانهڻ تي خوني ڌمڪين جا الزام، تدارڪ ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

هيڊ ماسٽر وقار ناريجو فيس بهاني سوا لک روپيه گهري رهيو آهي ۽ رقم نه ڏيڻ تي ٻارن جا سرٽيفڪيٽ نٿو ڏئي : مظاهرين

خيرپور(رپورٽر) خيرپور ۾ نم موڙ واسي جو معصوم ٻارن سميت پنهنجي اسڪول جي مالڪ خلاف احتجاج، اسڪول فيس بهاني سوا لک روپيه گهرڻ جا الزام، رقم نه ملڻ سبب ڇئن ٻارن کي اسڪول مان ڪڍي ڇڏيو، ٻن سالن کان مستقبل داءَ تي لڳل، نيڪ مردن کي دانهڻ تي خوني ڌمڪين جا الزام، تدارڪ ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو، تفصيل مطابق خيرپور جي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز ۾ شڪايتن جي فوري حل لاءِ قائم ڪيل ڪميٽي پاران هڪ کليل ڪچهري منعقد

ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري غلام علي سومرو، ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل (ٽريزري) محمد اقبال شيخ، ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم ۽ ٻين جي شرڪت

سمورن ضلعن ۾ ملازمن ۽ پينشنرن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ کليل ڪچهريون منعقد ڪرڻ جو مقصد انهن ملازمن جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ انهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ آهي : اڳواڻ

رٽائرڊ سرڪاري ملازمن کي پينشن ۽ ٻيون مراعتون ڏيڻ جو نظام بهتر ڪيو ويو آهي جنهن تحت رٽائرڊ ملازمن کي رٽائرمينٽ جي تاريخ کان نمبر جاري ڪيا ويندا

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ سنڌ جي ناڻي واري کاتي پاران خزاني جي آفيس سان لاڳاپيل شڪايتن جي فوري حل لاءِ قائم ڪيل ڪميٽي پاران هڪ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، ان موقعي تي ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري غلام علي سومرو، ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل (ٽريزري) محمد اقبال شيخ، ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز : مسئلن جي حل لاءِ ڪرايل کلي ڪچهري جو ڏيک

ٺٽو ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين ادا محمد ميمڻ جي ADC1 ٺٽو سميت مختلف ڊپارٽمينٽس سان اهم گڏجاڻي ٿي گذري

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين ادا محمد ميمڻ جي ADC1 ٺٽو سميت مختلف ڊپارٽمينٽس سان اهم گڏجاڻي ٿي گذري موقعي تي ادا محمد ميمڻ جو چوڻ هو ته شهر ۾ ميونسپل جي حد ۾ ٿيندڙ ترقياتي ڪمن ۽ پيور بلاڪ سميت مختلف اسڪيمن بابت ميونسپل ڪميٽي کي نظرانداز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ميرپورخاص پرسان ٻوڏ متاثرن ۽ ماهر خاندانن جي عورتن ۾ سلائي ۽ ڪنگائي جو سامان ورهائڻ جي تقريب

آرٽس فائونڊيشن يونين ڪائونسل ڊگهن پرڳڙي جي 17 ڳوٺن ۾ پروجيڪٽ جون سرگرميون جاري آهن : پروجيڪٽ مئنيجر علي حسن نون

ٻوڏ متاثرن جي بچاءَ لاءِ ڳوٺاڻن جي سهڪار سان صفائي ۽ معاشي استحڪام لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي، پيدائشي سرٽيفڪيٽ ناهيا پيا وڃن

غريب ۽ پٺتي پيل طبقن سان تعلق رکندڙ عورتن ۽ ڇوڪرين جي سماجي، معاشي ۽ فني صلاحيتن جي حفاظت لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي

ميرپورخاص(رپورٽر) ايڊووڪيسي، ريسرچ، ٽريننگ اينڊ سروسز (آرٽس) فائونڊيشن ميرپورخاص، آڪسفيم پاڪستان ۽ ايس پي او جي مالي سهڪار سان سنڌ ۾ ڳوٺن جي سطح تي ٻوڏ متاثرن جي بحالي، غريبن ۽ ضرورتمندن لاءِ خوراڪ ۽ معاشي استحڪام جي منصوبي تحت ڳوٺن ۾ زبير احمد پرڳڙي يونين ڪائونسل ڊنگن پرڳڙي ۾ ٻوڏ متاثرن ۽ ماهر خاندانن جي عورتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

✽✽✽ روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي✽✽✽ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني سنڌيار

Daily SINDHYAR

www.dailysindhyar.com

خميس 02 نومبر 2023ع

رَتي رت نہ سَنجري، ، ، ، ،

انتهائي ظالمانا ۽ برداشت کان ٻاهر ٽيڪس لڳائي هن ملڪ جي حڪمران غريب عوام جو رت ست نيوڙي ورتو آهي ۽ اڃان تائين اهو سلسلو ڪنهن پڄاڻيءَ تي پهچندي نظر نٿو اچي. شايد ايستائين جاري رهندو، جيستائين حڪمرانن کي عوام جا پراڻ پورا ٿيڻ جي پڪ نٿي ٿئي. استحصالي ملڪن جي عالمي ايجنڊا تي عمل ڪندڙ مالياتي ادارا، جي اسان جي حڪمرانن کي چوندا تہ عوام جي رت جو آخري ڦڙو بہ نہ ڇڏيو آهي، شايد ان فرمائش جي تڪميل ۾ بہ دير نہ لڳي! اهو اندازو آءِ ايم ايف جي لڳاتار فرمائشن ۽ اسان جي حڪمرانن طرفان "آمنا صدقنا" جي ورد مان لڳائي سگهجي ٿو. آءِ ايم ايف سان طئي ٿيل شرطن جو جواز ڄاڻائي ڪڏهن تيل جا اگهه وڌايا وڃن ٿا تہ ڪڏهن بجلي مهانگي ڪئي وڃي ٿي. ڪڏهن گئس جا اگهه وڌائي مهانگائي کي مهميزون هنيون وڃن ٿيون ۽ هن ڀيري تہ ظلم جي انتها ڪندي گئس جي اگهن ۾ 172 سيڪڙي ڪان بہ وڌيڪ واڌ ڪئي وئي آهي. گئس جون نيون قيمتون پهرين نومبر(اڄ) کان لاڳو ٿينديون. توانائي واري نگران وزير محمد علي جو چوڻ آهي تہ ملڪ جو نقصان ختم ڪرڻ لاءِ گئس جون قيمتون وڌائڻ ضروري هو.

هن ملڪ جي حڪمرانن ۽ سرنديءَ وارن ماڻهن لاءِ زندگيءَ جون اذيتون تہ پري جي ڳالهہ، نا مهربان موسم جي تلخي بہ انهن جي پر مان نٿي گذري. انهن کي ڪهڙي خبر تہ غربت ۽ اٿهوند جا ڪي ڇڄبو آهي؟ غريب ماڻهن جي زندگي ڪيئن ٿي گذري؟ اذيتن سان ڀرپور اٿهوند واري زندگيءَ لاءِ لطيف سرڪار "جاڙ جيئڻ" جو اصطلاح استعمال ڪري ٿو. هن ملڪ جي حڪمرانن پنهنجي بدانتظامي ۽ خراب حڪمرانيءَ سان عوام کي اهڙي زندگي گذارڻ لاءِ ذلتن جي تحت الثريٰ ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. توانائي جو نگران وزير گئس جي قيمتن ۾ ايڏي وڏي واڌ جو جواز ملڪ جو "نقصان" ختم ڪرڻ ٻڌائي ٿو پر سوال اهو آهي تہ غريبن جي زندگيءَ جي قيمت تي "مالي نقصان" جو پورائو ڪهڙي دانشمندي آهي؟ مهانگائيءَ سبب ماڻهو آپگهات ڪري رهيا آهن. ان نقصان جو ڇو نٿو سوچيو وڃي؟ اسان سمجهون ٿا تہ حڪمران ملڪ جي مالي نقصان جو پورائو نہ پر اشرافيہ جي عياشين جو اهتمام پيا ڪن. اشرافيہ کي هر قسم جون مراعتون حاصل آهن ۽ انهن ۾ لڳاتار واڌ ٿيندي وڃي پر ٻئي پاسي حڪمران هر کوٽ ۽ خسارو عوام مان پورو ڪرڻ جي واٽ تي هلي رهيا آهن. ڇا ملڪ جو ايترو نقصان ٿيو آهي، جيڪو گئس جي قيمتن ۾ هيڪاندي واڌ ڪري هڪ ڌڪ سان گهٽائڻ ضروري ٿي پيو آهي؟ اشرافيہ جي مراعتن جي سموري چٽي عوام کان ڀرائي پئي وڃي. هونئن بہ مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ۽ گئس جي قيمتن ۾ ايڏي وڏي واڌ سان جيڪي لاءِ ضروري اسمن تائين عوام جي رسائي گهٽجي ويندي. غريبن لاءِ هن وقت ئي جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ مشڪل بڻيل آهي ۽ گئس جي قيمتن ۾ واڌ سان جيڪو مهانگائي جو طوفان ايندو، اهو حالتن کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيندو. هن وقت ئي زندگيءَ جي اذيت موت کان وڌيڪ سرس ۽ سوائي ٿي وئي آهي. جنهن ڪري خودڪشين جي واقعن ۾ تمام گهڻي واڌ آئي آهي ۽ گئس جون قيمتون وڌڻ سان جڏهن مهانگائي راڪيٽ رفتاريءَ سان وڌندي تہ ملڪ جو ڪٿي مالي نقصان حڪمران پورو بہ ڪري وٺن پر عوام کان تہ جيئڻ جو حق کسجي ويندو. اڃان تہ بجلي ڪمپنيون پنهنجي نقصانن جا جواز ڏيکاري بجلي جي قيمتن ۾ واڌ جي گهر ڪري رهيون آهن. هر ڪنهن کي پنهنجا سمورا نقصان عوام مان ئي پورا ڪرڻا آهن. حڪمران عوام کي مالي رليف ڏيڻ بدران ان کي ڪنگال ڪندا وڃن. جڏهن بہ بجلي، تيل ۽ گئس جي قيمتن ۾ واڌ ٿئي ٿي تہ هر شيءِ جي قيمت وڌي وڃي ٿي. شين جي پيداواري لاڳت وڌي ٿي، ٽرانسپورٽيشن جو خرچ وڌي ٿو. هن ملڪ ۾ هر چٽي عوام کان ڀرائي وڃي ٿي.

گئس جي قيمتن ۾ 172 سيڪڙي کان بہ وڌيڪ واڌ تي اسان انتهائي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي حڪمرانن کان اها گهر ٿا ڪريون تہ گئس جي قيمتن ۾ اضافي وارو فيصلو واپس ورتو وڃي ۽ عوام جو رت ست نيوڙڻ بدران ملڪي کوٽ ۽ خساري لاءِ بهتر معاشي رٿابنديءَ ذريعي ٻيا وسيلا پيدا ڪيا وڃن.

ڪُهي سو ڪَرَ لَهَي، ڪوئي سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حَبيبُ؛
تِڇي سو طَبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جِي.

پَڳت ڪنور رام: راڳ ۽ رواداريءَ جو مُجسم

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

امر ڀڳت ڪنور رام جي مرتبي کي اڌ صديءَ کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي. هن سنگيتڪارن جي سردار تي انهي عرصي دوران ايترو نہ لکيو ويو آهي، جيترو غالباً سنڌ ۽ هند جي ٻئي ڪنهن سنگيت ڪار تي لکيو ويو آهي. شري شامداس ڀهريون ليکڪ هو جنهن 1941ع ۾ ڪتاب لکيو 1957ع ۾ تيرٿ بسنت ۽ 1964ع ۾ تلسيداس تلريجا جن معياري ڪتاب لکيا. تازو ڪنيا لعل تلريجا جيڪو قلمي پورهيو ڪيو آهي، ان جو تہ مثال ئي ڪونهي. ڀڳت ڪنور رام 1885 ۾ ڄائو ۽ نومبر 1939ع ۾، 54 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. 1939ع کان وٺي اڄوڪي ڏينهن تائين مٿس ڪيترا مقالا لکيا ويا، اخبارن رسالن ايڊيٽوريل لکيا ۽ شاعرن ڪلام ڇپيا. سندس سوانح نگارن هن جي حياتي جي هر روپ تي لکيو آهي.

بلڪ خوب لکيو آهي. انهيءَ تي مواد اٿلائڻ مان هر ڪو آساني سان اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ ڀڳت ڪنور رام اهو امر انسان هو، جنهن کي جيڪڏهن سنڌي ماڻهپي جو مظهر رکي انسانن جو دلدار سچو سنت ۽ پيارو ڀڳت چئجي تہ ڪو بہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. راءِ ڏياچ ساز، سر ۽ آواز تي سر ڏنو پر ڀڳت ڪنور رام ساز وڄائي ۽ سر ٻڌائي پاڻ سر ڏنو هو. يعني راءِ ڏياچ بہ پاڻ ٿيو تہ منگتو بہ پاڻ ٿيو. ڀڳت ڪنور رام جي درويشي ۽ انساني دوستي جون ڳالهيون اڄ بہ ماڻهو وڏي واڪ ٻڌائن ٿا. هو ذات پات جي مت ڀيد کان تمام گهڻو مٿي هئو. هو انسان دوست هئو، ان ڪري دين ڌرم جا ويڇا وساري ڇڏيا هيائين. مسلمانن جي مدد ڪرڻ ۾ بہ گهڻن مسلمانن کان اڳرو هو. هو عجب انسان هو، جڏهن بہ ڪنهن ڏانهن چٺي چپاتي لکندو هو تہ نالي کان اڳ اوهان جو داس ضرور لکندو هو. دنيا کان اهڙي تہ دل ڪنيل هئس جو شادي جي موقعي تي جيڪي لٽا ڪپڙا تحفي ۾ مليس سي ڏياريءَ جي ڏينهن تي غريبن کي ڏئي ڇڏيائين. ڪو سوالي وڙهي پوندو هئس تہ پريائي پل پريندو هئس. هن سادي ۽ سچي ماڻهو پاڻ کي اهڙي طرح تہ عام ماڻهن جهڙو ڪيو. جو اڪثر ڪري اوپرا ۽

جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. جن اسلام، اسلامي تعليم ۽ تاريخ تي مثالي ڪم ڪيو. ليلارام وطنمل کان وٺي ڊاڪٽر گربخشاڻي تائين ليکڪن جا اڻ ڳڻيا ڪتاب موجود آهن جن ۾ قرآن حديث ۽ تصوف تي بهتر نموني سان لکيو ويو آهي. سنڌ جي ڪيترن مسلمان ليکڪن اهڙي ريت هندو ڌرم ۽ ان جي پوئلڳن جي حق ۾ لکيو آهي. صدين کان وٺي سنڌ جي هندو توڙي مسلمانن جا زيارت گاهه ۽ احترام جون گاديون سانڱيون رهيو آهن، مذهبي ڪٽرپڻو هتان ڪڏهن بہ نہ گذريو آهي. انگريز سرڪار نہ فقط سنڌ جي مذهبي رواداري ۽ انسان دوستي جي روايتن کي پنهنجي لاءِ ڪنڊو ڄاتو. پر هي ڳالهہ بہ نوٽ ڪيائون تہ ننڍي ڪنڊ جي سموري سياست جو ذهن سنڌ مان فراهم ٿئي ٿو. جڏهن ڪانگريس ٿي جڙي تہ ان جي پهرين گڏجاڻي ۾ سنڌي موجود آهن. جيڪڏهن مسلم ليگ قائم ٿئي تہ بہ اڳواڻي سنڌين کي ملي ٿي. هنن جتي سيٺ هرچند راءِ وشنداس کي ڏٺو اتي رئيس غلام محمد ڀرڳڙي بہ نظر آين. انگريزن ڏٺو تہ جليانہ والا باغ جو ڪيس ٿيو تہ سنڌ جا هندو توڙي مسلمان اسپيشل ٽرين ڪرائي پنجابين جي دلداري ۽ مدد ڪرڻ ويا. انگريزن ڏٺو تہ سنڌن سرڪار خلاف پهريون عدم تعاون نالي فيصلو سنڌ ۾ ٿيو، نہ فقط فيصلو ٿيو، پر سنڌين انهي تي عمل بہ ڪري ڏيکاريو. خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ ۽ عدم تعاون واري تحريڪ ۾ هندو مسلم اتفاق ۽ اتحاد ڏسي انگريزن جون ننڊون ڦٽي ويون. پوءِ اسان کي انهن جي نظر ڪائي وئي. هنن ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو واري حڪمت عملي اختيار ڪئي. اسان جي وڏڙن مان ڪيترا هندو توڙي مسلمان هنن جي ڳالهين ۾ اچي ويا. ڏسندي ڏسندي رهبري ۽ رهنمائي ڪندڙ قوم پاڻ کي پين جو مريد بڻائي ويٺي. اسان جي وڏڙن پنهنجون ڏاڙهيون ۽ چوٽيون پين جي هٿن ۾ ڏنيون، پنهنجا ۽ پنهنجي گهر جا مسئلا پين کي نبيرڻ لاءِ ڏنا. سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جو مسئلو هجي يا سنڌ يونيورسٽي قائم ڪرڻ جي ڳالهہ هجي، هر موقعي تي اسان جي وڏڙن ڌارين کي پڪاريو ۽ پين

الله بخش سومري جي شهادت ٿيڻي سياسي قتل هئا. اڳرين تي ڳڻڻ جيترن سنڌ جي باشعور هندو توڙي مسلمانن هنن حادثن ۽ سانحن کان سنڌ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر وقت جي ورونهي چڪي هئي. ماڻهن جي اکين ۽ عقل تي پٽيون ٻڌجي چڪيون هيون. ان دور جي هڪ هندو شاعر ڪيٺلداس فاني جون دانهون تہ ٻڌو! چئي ٿو: مسلمان توکي نبي جو قسم، نبي پاڪ جي بندگي جو قسم، هندو توکي راڌا پتي جو قسم، اکنڊ آرتي استتي جو قسم سچڻ سان رهہ سڪ سلوڪت رکي، نہ ڪر درشت کي پرشٽ غيرت رکي. اهڙي ريت ان دور جي هڪ مسلمان شاعر جو آواز ٻڌو. چئي ٿو: وطن آهہ مشڪل ۾ مشڪل ڪي ٽار، مسلمان هندو جو ويڇو وسار، سدا ديس جو گهٽگهرو ٿي گذار، مسلمان هندو جو ويڇو وسار. ڀڳت ڪنور رام نالي ڀڳت ۽ نلهو سنت ڪونہ هو. هو صحيح معنيٰ ۾ انسان دوست ديش ڀڳت هو. هن هندو ۽ مسلمان کي هڪ نظر سان ڏٺو. هر ڪنهن سان ڳالهايائين تہ هٽ جوڙي. هن ۾ ماڻهپو تہ هو پر وڏائي ڪانہ هئي. هو محسوس ڪري چڪو هو تہ جنهن انسان جي هو خدمت ڪري رهيو آهي ان جي حيثيت ۽ عظميت خطري ۾ آهي. هو جنهن امن ۽ سڪون قائم ڪرڻ جا جتن ڪري رهيو آهي انهي خلاف ڪات ڪهاڙا ڪنيا پيا وڃن. هن عظيم انسان جو روح تڙپڻ لڳو هو. هو هنڌين ماڳين ڳائيندو رهيو تہ ڪيئن پرچايان توکي، ڇير ڇمڪايان يا گهنگهرو پايان. پر تنهن دور جا هندو توڙي مسلمان پرچڻ وارا تہ هئائي ڪٿي! شايد اهو محسوس ڪندي سندس اندر واري انسان ڪانگن کان پڇڻ شروع ڪيو: آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ، مون سان پنهنجي ماروئڙن جي پر مارو تہ پين جي ڏڻ تي لڳي چڪا هئا. هنن اهي ڪن ئي ڪپائي ڇڏيان هئا. جن سان حق ۽ سچ ٻڌي سگهبو آهي. 11 آڪٽوبر 1937ع تي سکر ۾ ظفر علي خان تقرير ڪري ٿو ۽ ٻاهران آيل سکر واسي مسلمانن کي ٻڌائي ٿو وڃي تہ مسجد منزل گاهہ مسلمانن کي ملڻ گهرجي نہ تہ ٻي صورت ۾ تحريڪ هلائجي. ان ڪان پوءِ اها

ٻلا، هنن کي ڪيئن سمجهائجي؟

علي رضا قاضي

اسان جي هن معاشري ۾ جتي سچيون ڪهاڻيون پڙهڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون، اتي ڪوڙيون ڪهاڻيون بہ هر جاءِ تي ٽڙيون پکڙيون پيون آهن. جيڪڏهن ايئن چئجي تہ اسان هڪ اهڙي سماج ۾ رهون ٿا، جتي 'ڪوڙ' جي منهن ۾ ڌوڙ' جي بجاءِ 'ڪوڙ، هڙ بازيون ڪئي ويٺو آهي' تہ بہ غلط نہ ٿيندو هون، بہ جيڪو سماج جڏهن غير سائنسي، غير منطقي ۽ غير عقلي صورت اختيار ڪري ولي تہ اتي هر ڪوڙو حوال سچ جي صورت ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. افواهن کي ڪي چار پير ٿي ويندا آهن، جيڪي گهوڙن کان بہ تيز ڊوڙڻ جي صلاحيت رکن ٿا. اهڙي حالت ۾ سچ صرف ويچارو ٿي ويندو آهي. توهان سمجهائڻ جي باوجود بہ ماڻهن کي سمجهائي نہ ٿا سگهو! اولهہ ۾ تہ هالي انهن ڪوڙن ڳالهين کي هوڪس Hoax جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو پر پنهنجو معاشرو جيڪو يورپ جي ترقيءَ کان صديون پوئتي آهي، اتي لوڪ کي ڪهڙي ريت سمجهائجي تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪوڙ ۽ تسوري ڪوڙ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

اسان جي سماج ۾ جتي طبي سهولتن جي حالت زار هيءَ هجي تہ ماڻهن کي پيراسيٽامول بہ اصل نہ ملي، اتي ڪيترن ئي مرضن جو علاج ديسي نسخن سان ڪيو وڃي ٿو يقين نہ ٿو اچيءَ تہ شهرن جون ڀتيون، ڊمي اخبارن جا رنگين صفحا، ڦڪل ٽيليويزنن جا اشتهار ملاحظ فرمايو جتي، ايڊز کان ڪينسر ۽ ڪاري ڪامڻ کان شگر جي شرطيہ علاج جي دعوا ڪئي وڃي ٿي ۽ هزارن جي انگ ۾ مسڪين ماڻهو ان چڪر ۾ اچي، پنهنجي حياتي تباهہ ڪري ويهن! "خالي پيٽ گجر جي رس ۾ هيڊ ۽ ٿوم ملائڻ سان چئن ڏينهن ۾ ڪينسر ختم!" يا "اڻ پڪيءَ جو گوشت کائڻ سان اڌ مٿي جو سور ختم ٿي ويندو آهي!" ۽ اهڙا ٻيا هزارين نسخا، جيڪي انهن سيني کي ياد آهن، جيڪي پاڻ سان سوين بيمارين کٽي گهمندا وتن ٿا!

هڪ پاسي بيمار سماج جي بيمار ماڻهن جي اکيان دوکي دولاب جون ديوارون ڪڙيون ڪيو وڃن ٿيون تہ ٻئي پاسي نوڳين جا ڪرتب بہ ڏسڻ وٽان آهن. پاڻ تہ صبا ۽ نرما مان اچي ڦاٿا آهيون، جيڪي هر ٻئي ڏينهن تي اسپتال داخل آهن يا ٻئي ڪنهن ايمرجنسي ڪم ۾ ڦاٿل ملن ٿيون ۽ انهن جو علاج فقط 50 روپين جو موبائيل لوڊ آهي! صبا ۽ صائمہ جا ٻاٽروري موبائيل تي 'جيتو پاڪستان' جي اسڪيم هلائين پيا! جنهن ۾ هر ڀيري توهان جو ئي انعام نڪرندو آهي، نہ ڄاڻ ڪيترائي ماڻهو انهن دوکن جي ڄارن ۾ ڦاسي پاڻ ڦرائين ٿا! اهي پاڻ الڳ ڪهاڻيون آهن.

هڪ نظر سان ڏٺو وڃي تہ پنهنجو سماج بجاءِ جو اڳتي اچڻ گهرجي ها، اهو پوئين گيئر ۾ هليو ويو آهي. جنهن ۾ پنجن ڪيلن جون ڪلون پورا بہ هفتا مٿي تي هٿڻ سان گهاٽا وار بہ ڦٽن ٿا. ٻلا مڃجي بہ ڪٿي تہ مٿي تي وار ڦٽي پوندا پر عقل کي ڪيئن ڦوٽهڙو ڪرائجي، اهو سوال جنهن جي جواب ۾ ٿي شايد صديون درڪار هجن! سماج جي لاعلمي ۽ اتي تيزي سان سفر ڪندڙ افواهن جي هيءَ حالت آهي جو هر ٻئي ٽئين سال قيامت جي تاريخ مقرر ٿي ويندي آهي، جيئن هاڻي 07 مارچ 2025ع جو ڏهاڙو قيامت لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. ڳالهہ فقط قيامت جي ناهي، سنڌ جي هر ٻئي وڏي شهر پر سان خلائي مخلوق اڏا قائم ڪري ورتا آهن. دنيا ۾ خلائي مخلوق کي سنڌ ۾ تمام گهڻو مزو اچي ويو آهي. حالت ايتري قدر بدتر ٿي وئي آهي، جو ڳوٺاڻا، خلائي مخلوق کي ڪير بہ ڪپائين پيا!! ان سان گڏ ڊسپرين جي گوري پيٽرل ۾ ملائڻ سان گاڏيءَ جي مائيليج 200 سيڪڙو وڌي ويندي آهي۔ اتي ۾ پلاسٽڪ ملائي وڃي ٿي۔ هڪ معروف ڪمپني جي چپس پوري جو پوري پلاسٽڪ جي ٺهيل آهي. اهي سڀ ڳالهيون ٻڌي پاڻ تہ رڳو مٿي تي هٿ رکي سگهون ٿا ۽ اهي تہ سڀ امن جي حالت جون ڳالهيون آهن پر ڪجهہ ڏينهن اڳ جڏهن ٻاجيءَ واري کان ٽماٽن جي کوٽ بابت معلوم ڪرڻ چاهيم تہ ٻڌايائين تہ جنگ جي ڪري پاڪستان انڊيا مان ٽماٽا نہ پيو گهرائي، ڇاڪاڻ تہ هندستان ٽماٽن ۾ ڪئميرا هڻي موڪلي رهيو هو جيڪي جاسوسي جو ڪم ڪري رهيا هئا!

ٻاجيءَ واري جي معلومات سان ڀريل ڳالهہ ٻڌي مان پاڻ کي چٽ تصور ڪندي، اتان کسڪڻ جي ڪريان ٿو پر کسڪڻ سان مسئلا حل ناهن ٿيندا، ڇاڪاڻ تہ اڳيان مائٽ مختيار ٻيٺو آهي، جنهن ٻڌايو هو تہ موبائيل کي ڪير سان ڌوئڻ سان ان جي ميمري وڌي ويندي آهي ۽ اهو پڻ تہ مسلسل پينٽ شرٽ پائڻ سان ڪاري ڪامڻ ٿي ويندي آهي. اڄ هو ڪهڙو بم اڇلائي ٿو، ان کان جو مان نڪرڻ جي ڪريان ٿو تہ چوڻ لڳو: توکي خبر آهي، يهودي رات جي وقت سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ مان بجلي چوري ڪري رهيا آهن! ۽ ها، پنهنجن ٻارڙن کي چاڪليٽ نہ ڪارائيندو ڪر، ان سان جن حاوي ٿي ويندا آهن! هن تيون نڪتو هي ڏنو: جيڪڏهن منهن تي اڳرن جو ليپ هڻي رات جو سمهي پئجي تہ چهرو ڪير جهڙو ٿي ويندو. مون کي اهو نسخو سئو لکي سوچيان ٿو منهن تي اڳر تہ ڌانگي ملي سڄي شهر جو گشت ڪجي! هي صرف مائٽ مختيار جون ڳالهيون نہ آهن، پر سماج ۾ هر ٻيو ماڻهو توهان کي ڊاڪٽر ۽ فلاسفر ملندو، جنهن وٽ سماج جي هر درد جو درمان آهي. اهي توهان کي ٻڌائين ٿا تہ اونڌي سمهڻ سان دل جي اٽيڪ جو خطرو

01 — بقايا

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ گذريل ڏينهن پناهگيرن جي جباليہ ڪيمپ تي سخت بمباري ڪئي وئي آهي اسرائيل جي بمباري سبب سوين شهري شهيد ٿيا. جن ۾ عورتون ۽ معصوم ٻار بہ شامل آهن. وزيراعظم چيو تہ اهڙي طرح جي مذمت جوڳين ڪارروائين کي ڪڏهن بہ معاف نٿو ڪري سگهجي. فلسطيني عوام جي قتل عام کي بند ڪرائڻ جي لاءِ دنيا کي هاڻ عملي تدم کڻڻ گهرجن. ياد رهي تہ اسرائيلي فورسز طرفان گذريل ڏينهن غزہ ۾ جباليہ پناهگيرن جي ڪيمپ تي هوائي حملن ۾ وڌيڪ 100 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد جڏهن تہ 150 زخمي ٿي پيا آهن اسرائيل جي

07 — بقايا

سوال ڪيو تہ ڇا ميٽر کي چونڊ وڙهڻ جي اجازت آهي؟ جماعت اسلامي جي وڪيل عثمان فاروق چيو تہ ميٽر ضمني چونڊ ۾ حصو وٺي سگهي ٿو پر ضابطن جي پچڪڙي نہ ٿو ڪري سگهي. جماعت اسلامي جي وڪيل ٻڌايو تہ ميٽر پنهنجي چونڊ مهم لاءِ سرڪاري مشينري ۽ وسيلا استعمال ڪري رهيو آهي. عدالت جماعت اسلامي جي وڪيل جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي.

بقايا | سنڌيار | 01

پيترن ۽ ننڍڙن ٻارن تي تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪارن کي معطل ڪري مٿن ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ايس ٽي پي اڳواڻ مشتاق قاسماڻي ،شنڪر باغي، چندر باغي،پرديپ شرما ،ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي اڳواڻ چندن راٺوڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي ايس ٽي پي اڳواڻ مشتاق قاسماڻي صحافي شنڪرباغي ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي چندن راٺوڙ ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته نوابشاهه جي ونگاري پوليس کي پرامن احتجاج تي تشدد ڪرڻ ۽ ان کي ڪنهن حق ڏنو آهي جو اهي قانون جي پاسداري ڪرڻ بدران قانون هٿ ۾ ڪندي پر امن شهرين جن ۾ عورتون ۽ ٻارڙا به شامل آهن تنهن تي تشدد ڪن ۽ احتجاج جي ڪوريج ڪندڙ صحافين کي به تشدد جو نشانو بڻائڻ واري عمل جي مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته نوابشاهه واقعي ۾ ملوث پوليس جي خلاف ترت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 02

هاءِ وي بند ڪرڻ واري اعلان کي موٽ ڏيندي سنڌ ترقي پسندپارٽي ضلعي نوشهرفيروز جي اڳواڻ علي اصغر پرٽ تعلقي صدر اسد چانڊيو، صفدر پوهيو، عرفان ڏاهري، فراز مستوئي، اقبال راڄپر، حبيب الله مشوري جي اڳواڻي ۾ نيشنل هاءِ وي نوشهرو فيروز ۾ ڪنڊيارو بند ڪري ڇڏيو سوين گاڏيون روڊ تي بيهي ويون موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اصغر پرٽ اسد چانڊيو چيو ته فورن ايس ايس پي نواب شاهه ايس ايچ او طفيل پتو ۽ ٻين عملدارن کي هٽائي ان جا ڪارڪن مرد ٻار عورتن آزاد نه ڪندا ته تيستائين ڌرڻو جاري رهندو هوڏانهن ايس ايچ او نوشهرو فيروز پهچي ڳالهيون ڪري روڊ ڪليئر ڪرائي ڇڏيو

بقايا | سنڌيار | 03

گلڃاڻي ڪرائي وئي جنهن ۾ زراعت کاتي سان لاڳاپيل آفيسرن الطاف حسين چنڙ ۽ ٻين يوريا ٻاڻ وڪرو ڪندڙن ۽ ڊيلرن سان گلڃاڻي ڪئي وئي جنهن ۾ آبادگارن اسسٽنٽ ڪمشنر جي اڳيان دانهيندي چيو ته اسان کي يوريا ٻاڻ دڪاندار مهانگي اگهه تي وڪرو ڪري رهيا آهن انهن کان ڪير به پڇاڻو ڪرڻ وارو ناهي اسسٽنٽ ڪمشنر پاران دڪاندارن کان پڇاڻو ڪندي دڪاندارن پاران ٻڌايو ويو ته اسان کي ڪمپنين مان گهٽ مقدار ۾ يوريا ٻاڻ ملي رهيو آهي جنهن سبب مارڪيٽ ۾ يوريا ٻاڻ جي کوٽ ٿي رهي آهي گلڃاڻيءَ ۾ اهو طئي ڪيو ويو ته اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس مان يوريا ٻاڻ جي سپلاءِ لاءِ ڪمپنيءَ کي خط لکيو ويندو ته جيئن تعلقي ڪنڊيارو اندر يوريا ٻاڻ جي کوٽ ختم ڪري آبادگارن کي پريشانيءَ کان بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 04

زاهد حسين ٻرڙو، آفيس سيڪريٽري علي محمد بروهي، ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر نياز علي چنو، ميمبر نديم علي چانڊيو، ميمبر ۽ ڪئمرامين روستم علي چانڊيو شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پريس جي مينجمينٽ ۽ شهر ۾ وڌندڙ بدامني هٿرادو مهانگائي ۽ هاري آبادگارن سان ٿيندڙ ظلم به نمبر دوائون نقلي ٻاڻ جي وڪري ۽ ٻين سماجي مسئلن شهر ۾ صفائي سٿرائي جو نظام بهتر نه هجڻ سرڪاري اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ اسڪولن ۾ استادن جو غير حاضر هجڻ شاگردن کي سهولتون نه ملڻ سارين تي غيرقانوني ڪٽوتي ڪرڻ تي رپورٽنگ تيز ڪرڻ جو لاءِ عمل جوڙيو ويو. جنهن ۾ تعلقه پريس ڪلب وارهه جي ٽيم روزاني جي بنياد شهر ۾ عام واهپي جي شين جا ريٽ چيڪ ڪندي ان کان علاوه سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي وزٽ ڪري انهن تي رپورٽنگ ڪندي. جيئن پوڙ متاثر غريب مسڪين ماڻهن کي رليف ملي سگهي

بقايا | سنڌيار | 05

مسلسل احتجاج جاري آهي مظاهرو ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين هٿن ۾ بينر کڻي ڪراچي سنڌ پاليسي خلاف شديد نعريبازي ڪئي ۽ مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج جاري رکڻ جو اعلان ڪيو.ان موقعي تي شاگردن ۽ شاگردياڻين احتجاج ڪندي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي سنڌ پاڪستان پاليسي جو مطلب آهي ته ڪراچي يونيورسٽي ۾ صرف ڪراچي بورڊ جي شاگردن کي داخلا ملندي هي پاليسي مڪمل سنڌ دشمن پاليسي آهي جنهن سان سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليم جو دروازو بند ٿيندو اهڙي پاليسي کي سنڌ جا لکين معمار مڪمل رد ڪن ٿا هن وڌيڪ چيو ته وي سي خالد عراقي جو سنڌي شاگردن سان رويو تعصباڻو آهي اسين 35 ڪلاڪن کان احتجاج ڪريون پيا پر هن مهل تائين ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي ويتر ڌمڪايو پيو وڃي پر اسين شاگردن جي حقن تان ڪڏهن به دستبردار نه ٿيندا سين هنن چيو ته ڪراچي يونيورسٽي 10 سيڪڙو فيس وڌائڻ بدران 30 سيڪڙو وڌائي شاگرد دشمني جو مظاهرو ڪيو ويو آهي اسين نگران وزيراعظم، وزيراعلي سنڌ، وفاقي وزير تعليم ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪريون ٿا ته معاملي جو نوٽيس وٺي شاگرد دشمن پاليسي ختم ڪري سنڌ جي غريب شاگردن کي تعليم پرائڻ جو حق ڏئي انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو

بقايا | سنڌيار | 06

سپرنٽينڊنٽ امتياز سومرو ريجنل ڊائريڪٽر ۽ ٻين کي جيل جي وزٽ ڪرائي ۽ قيدين سان ملاقات ڪرائي جنهن دوران هن قيدين کي ملندڙ سهولت بابت ڄاڻ ڏني ان موقعي تي جيل جي ڪاڌ خوراڪ جي حوالي سان ڪچن جي وزٽ سميت ڊسپينسري جيل اندر پيئڻ جو صاف پاڻي ، لائبريري ، ٻارن جو وارڊ ، قيدين لاءِ راندين جو ميدان صفائي سٿرائي بابت پڻ معلومات ڏني هن وڌيڪ ٻڌايو جيل اندر قيدين کي هنري سکيا پڻ ڏني وڃي ٿي. جڏهن جيل اندر قيدين کي پڙهائڻ لاءِ هڪ استاد پڻ رکيل آهي جيڪو قيدين کي سٺي تعليم ڏئي رهيو آهي جيل سپرنٽينڊنٽ امتياز سومرو پاران صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر نادر جمالي کي وڌيڪ بريفنگ ڏيندي چيو دادو جيل ۾ 250 قيدين جي رهڻ جي گنجائش آهي جڏهن ته هن وقت 360 قيدي موجود آهن.

بقايا | سنڌيار | 07

مين پرائمري اسڪول احمد قاضي احمد کان تعلقا پريس ڪلب قاضي احمد آڏو پهچي قاضي احمد پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي بعد ۾ قاضي احمد پوليس اسٽيشن آڏو مين روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ۽ نااهل انتظاميا پوليس خلاف ۽ استاد جي ڦر واپس ڪرڻ لاءِ نعرا هنيا خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته قاضي احمد ٿاڻي جي حد جهلو مسجد وٽان استاد غلام حسين چانڊيو کان هٿياربندن سي ڊي موٽر سائيڪل موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪئي جنهن جي رپورٽ داخل ڪرائڻ ۽ احتجاجن باوجود ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن استاد جي ڦر واپس نه ٿي آهي انتظاميا ۽ پوليس لاپرواهي ڪري رهي آهي هنن چيو ته سڄي تعلقي قاضي احمد جا پرائمري استاد گڏ ٿي احتجاج لاءِ روڊ تي نڪتا آهيون جي انصاف نه ٿيو استاد جي ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ سامان واپس نه ٿيو ته احتجاج جو سلسلو وڌايو ويندو ڌرڻي ۾ ڊي ايس پي قاضي احمد مظهر هيسباڻي اچي مظاهرو ڪندڙ استادن سان ڳالهيون ڪيون ۽ ڪين انصاف جو يقين ڏياريو ان سلسلي ۾ استادن جو وفد سائنس آفيس پڻ ملندو ان يقين ڏيارڻ بعد استادن ڌرڻو ختم ڪيو

بقايا | سنڌيار | 08

تي محبوب خاصخيلي وارن زبردستي قبضو ڪيو آهي. ساڳئي وقت ان اٿارٽي سيشن جج ٺٽي وٽ قبضي جو الڳ ڪيس داخل ڪرائي چڪو هو پر اصل حقيقت پراها زمين 1952/53 کان محبوب خاصخيلي جي ڏاڏي محمد عمر خاصخيلي جي ملڪيت آهي ۽ زمين ڪنهن به ڌرسان وڪرو ٿيل نه هئي. جنهن جو فيصلو نيٺ سول جج ٺٽو جي عدالت ٻڌائي ضياءِ الحسن جي مقامي اٿارٽي پاران داخل ڪيس کي خارج ڪري فيصلو محبوب خاصخيلي وارن جي حق ۾ ڏئي ڇڏيو. محبوب خاصخيلي پاران ڪيس جي پيروي ڪندڙ وڪيل جان محمد خاصخيلي ۽ سنڌس ٽيم ڪئي. ان موقعي تي محبوب خاصخيلي پنهنجي وڪيل جان محمد خاصخيلي ۽ سنڌس ٽيم کي لونگيون پهرائي سندن همت افزائي ڪئي. ڪيس کٽڻ تي محبوب خاصخيلي، ڊاڪٽر محمود خاصخيلي، ماسٽر ممتاز علي خاصخيلي ۽ سندن خاندان خوش ٿي ويو آهي.

جنهن عدالت جو ڊورو مڃيندي چيو آهي ته عدالت حق سچ جو ساٿ ڏيئي فيصلو سندن حق ۾ ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 09

تائين ملازمن جو ڪوهڪ به مطالبو تسليم ناهي ڪيو ويو. جنهن ڪري ملازمن ۾ بيچيني واري صورتحال چانيل آهي. ان سلسلي ۾ ناميارو قانوندان ۽ پيپلز مزدور يونين فاران شوگر مل شيخ پرڪيو جي ليگل ايڊوائيز ايڊووڪيٽ جي اير لغاري چيو آهي ته فاران شوگر ملز انتظاميه تسليم ڪيل مطالبا پورا ناهن ڪيا. چارٽر آف ڊمانڊ تي عملدرآمد جي يقين ڏهاني ڪرائي وئي پر مهينو گذرڻ باوجود اڃا تائين ملازمن کي نه 32000 پگهار ملي آهي. نه 5 پرسنٽ سميت ٻين مراعتن جي حوالي سان ڪا اڳڀرائي ٿي آهي. ڪمند جي سيزن شروع ٿي رهي آهي. مل چمني به باري ڇڏي آهي. جيڪڏهن چارٽر آف ڊمانڊ تي عمل نه ڪيو ويو ته مل شروع ٿيڻ واري ڏينهن ڌرڻو هڻي، ڪمند جي سپلائي بند ڪئي ويندي ۽ مطالبا پورا ٿيڻ تائين احتجاج جاري رهندو

بقايا | سنڌيار | 10

ماڻهن لاءِ آزار بڻجي ويا. عملدارن جي ڪرپشن سبب اسپتال ۾ غريب مريضن لاءِ دوائون به اڻلڀ ٿي ويون آهن جنهن سبب ڪيترائي مزدور طبقي جا پورهيت ماڻهو نجي اسپتالن مان علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن پر سرڪاري اسپتال ۾ بي بي ايچ پاران ايندڙ دوائون غائب ٿي وڃن ٿيون جنهن ڪري ٻيرلوءِ شهر سميت پسگردائي جا ماڻهو رات توڙي ڏينهن ۾ سکر ۽ خيرپور جي اسپتالن مان علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن جڏهن ٻيرلوءِ جي سرڪاري اسپتال ۾ هڪ پورهيت ميڊيا ورڪرن آڏو دوائون نه ملڻ جون دانهون ڪندي چيو ته ڊيوٽي ڊاڪٽر سميت ٻيو عملو به پنهنجي مرضيءَ مطابق نوڪري تي اچن ٿا جڏهن ته سرڪاري دوائون به نٿيون ڏنيون وڃن ٻيرلوءِ جي سڄاڻ ڌرين ۽ مذهبي اڳواڻن پاران سنڌ جي نگران وڏي وزير سميت وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته بنيادي صحت مرڪز ٻيرلوءِ ۾ دوائن جي کوٽ ۽ عملي جو مريضن سان ناروا سلوڪ توڙي مرضي سان نوڪري تي اچڻ جو نوٽيس وٺي عوام کي صحت جون بنيادي سهولتون ڏئي پريشانين کان بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 11

کي نوابشاهه پوليس هاف فراءِ ڪيو جنهن بعد پوليس خلاف احتجاج ڪندڙ ايس ٽي پي ڪارڪنن تي نوابشاهه پوليس لاٺي چارج ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي جيڪو ناقابل برداشت ۽ مذمت جوڳو عمل آهي ايس ايس پي نوابشاهه پرامن احتجاج ڪندڙن مٿان تشدد ڪري ظلم ڪيو آهي هن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي ايس ايس پي نوابشاهه کي هٽايو وڃي متاثرن سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 12

پاران ٿيندڙ غير منطقي بدلين کي رد ڪريون ٿا اسان اهو سمجهون ٿا ته آهي بدليون بهتر ماحول ۾ هلندڙ تعليمي رجحان کي خراب ڪرڻ لاءِ ڪيون وڃن ٿيون هن وقت سموري سنڌ اندر ڪاليجن ۾ ڀرپور تدريسي عمل جاري آهي سيٽ ٿيل استادن کي بدلي ڪرڻ نه صرف تعليم لاءِ هاڃيڪار آهي پر استادن کي پريشان ڪرڻ جي برابر آهي اڳواڻن چيو آهي ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران ڪرپشن جو در کولڻ لاءِ اهڙيون بدليون ڪيون وڃن ٿيون جيڪو مذمت جوڳو عمل آهي اڳواڻن چيو سکر ۽ لاڙڪاڻي جي مختلف ڪاليجن مان استادن جي بدلين جي مذمت ڪريون ٿا هن جيو نون ڪنٽيل ليڪچرارن کي ضرورت جي بنياد تي مقرر ڪيو وڃي ها بدلين جي ضرورت ٿي نه پوي ها سهپلا اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو آهي غير منطقي بدلين وارو سلسلو بند ڪيو وڃي نه ته ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 13

سڄي سنڌ جيان ٽنڊو غلام حيدر ۾ مرڪز جي سڏ تي ڪمن لاڪي عبدالله اعوان، عظيم شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايس ٽي پي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ٽنڊو غلام حيدر ڪالوني اسٽاپ وٽ ريلي ڪڍي سخت احتجاج ڪري نوابشاهه پوليس خلاف تعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ايس ٽي پي اڳواڻ نثار ڪيريو جي پاءِ کي نوابشاهه پوليس هاف فراءِ ڪيو جنهن بعد پوليس خلاف احتجاج ڪندڙ ايس ٽي پي ڪارڪنن تي نوابشاهه پوليس لاٺي چارج ڪري ڪين سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي جيڪو ناقابل برداشت ۽ مذمت جوڳو عمل آهي هنن چيو ته ايس ايس پي نوابشاهه پرامن احتجاج ڪندڙن مٿان تشدد ڪري تسورو ظلم ڪيو آهي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي داخل ڪيل سمورا ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ايس ايس پي نوابشاهه کي هٽايو وڃي ۽ نثار ڪيريو سميت ٻين متاثرن سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاجي سلسلو جاري رکيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 14

جوابدار کي گرفتار ڪرڻ سميت گرفتار ڪيل جوابدار ۽ فرار ٿيل جوابدارن تي جهرڪ ٿاڻي تي فاريسٽ ايڪٽ تحت پوليس ڪيس داخل ڪري فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتارين لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو. ان سلسلي ۾ سيشن جج ٺٽو جي خاص هدايتن تي ضلعي ٺٽي جي ٻيلي کاتي جي سرڪاري زمين تي ٿيل غيرقانوني قبضا خالي ڪرائڻ لاءِ SSP ٺٽو افتاب نظاماڻي، DFO فاريسٽ ٺٽو محمد علي انڙ، ڊي ايس پيز اسد چنا، صفيع الله پتي، عابد مهر PDSP فضل علي قريشي، SHO جهرڪ انسپيڪٽر امير بخش ڪوسو جي اڳواڻي ۾ پوليس جي وڏي نفري سب ڊويزن جهرڪ جي ڪچي واري علائقي ٻيلو ويران ۾ ڪامياب آپريشن ڪري ٻيلي کاتي جي سرڪاري زمين تي ٿيل غيرقانوني قبضا خالي ڪرائي هزارين ايڪڙ سرڪاري زمين قبضن کان آجي ڪرائي پوليس سرزمين تان هڪ ٽريڪٽر کي تحويل ۾ وٺي هڪ جوابدار جاويد ولد وڪيو لاڪو کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن دائم ولد لال خان مري، منظور ولد لکاڏنو چانگ، جاندار ڪوسو، سليم ڪوسو، امتياز، خانڻ بجاراڻي ۽ ٻيا رات جي اونداهه جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا. جن خلاف جهرڪ ٿاڻي تي فاريسٽ ايڪٽ تحت پوليس ڪيس داخل ڪري فرار ٿي ويل جوابدارن جي گرفتارين لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي. ياد رهي ته ٻيلي کاتي جي اڄان وڏي ايراضي واري سرڪاري زمينن تي ٻيلي کاتي جي عملدارن جي آشيرواد سان قبضا برقرار آهن. جيڪي اڄان تائين ختم ٿي ناهن سگهيا. پوليس رڳو غريب ماڻهن جي زمينن تان قبضا خالي ڪرائڻ ۾ مصروف بڻيل آهي. جن جي قبضي ۾ سوين يا هزارين ايڪڙ نه پر ڪجهه ايڪڙ ايراضي اهي. جنهن تي هو پچن جو گذر سفر ڪن ٿا. باقي طاقتور ڌرين کان ڪير به اڄان تائين قبضا خالي ڪرائي ناهي سگهيو

بقايا | سنڌيار | 15

جي يوم پيدائش (سالگرهه) جيالن پاران مختلف هنڌن تي ڪيڪ ڪاٽي ڪري ملهائي وئي، پ پ پ ٽائون غوثپور جي صدر اڪبر لولئي طرفان غوثپور ۾ پيپلزپارٽي تعلقه ٺنگواڻي جنرل سيڪريٽري طارق عزيز سرڪي، قدرت الله ميراڻي، لعل خان بجاراڻي، عبدالنبي ملڪ، شاهنواز شيخ ، اشفاق سومرو،محمد علي لولئي عبدالحڪيم پيو مظهر علي سمجهو وسيم حيدر ميراڻي ۽ ڪنڌڪوٽ ۾ پ پ پ تعلقه ٺنگواڻي جي جنرل سيڪريٽري طارق عزيز سرڪي ميناري ونگ اڳواڻ روهيت ڪنگراڻي پاران ڪنڌڪوٽ ۾ مير الطاف احمد خان ڪوسو جي موجودگي ۾ پارٽي ورڪرن سان گڏجي پارٽي آفيس ۾ سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو. ان موقعي تي پارٽي جي عهديدارن ۽ جيالن پاران مير الطاف احمد خان ڪوسو جي پارٽي ۽ عوام جي ڪيل خدمتن کي ساراهيندي سندس جي وڏي عمر ،صحتيابي ۽ ڪاميابي لاءِ دعا پڻ گهري

بقايا | سنڌيار | 16

اهلڪار ۽ جوان، 50 اسپيشل برانچ جا آفيسر ۽ جوان، 30 شهباز رينجرز جا جوان مقرر ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه عورتن ۽ ٻارن جي نگراني ۽ حفاظت لاءِ 12 کان وڌيڪ ليڊيز پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. ايس ايس پي جيڪب آباد سيد عامر عباس شاهه ڪيمپ جي داخلي رستن سميت ڪيمپ جي مختلف اهم هنڌن تي سيڪيورٽي مقرر ڪئي وئي آهي. پوليس جي جاري ڪيل پريس رليز مطابق موجب ايس ايس پي

جيڪب آباد عامر عباس شاهه حڪم جاري ڪندي چيو آهي ته پرڏيهين جي ڪيمپ جي داخلي ۽ خارجي رستن جي سخت نگراني ۽ سيڪيورٽي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن ڪنهن به اڻٽيندڙ واقعي کي بروقت منهن ڏئي سگهجي. مقرر آفيسرن ۽ هلڪارن کي سيڪيورٽي سخت رکڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا | سنڌيار | 17

قادر سميپوٽو پرويز سميپوٽو غلام مصطفيٰ سميپوٽو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي بچل سنڌي قادر سميپوٽو ۽ پرويز سميپوٽو چيو ته ايس ايس پي نوابشاهه ايس ٽي پي جي ڪال واري ڪامياب هڙتال ڏسي بوکلاهٽ جو شڪار ٿي ويو آهي ايس ٽي پي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي بلاجواز گرفتار ڪري عورتن ۽ ٻارڙن تي سخت تشدد ڪيو ويو آهي ان کي اها خبر نه آهي ته نثار ڪيريو اڪيلو نه آهي سائنس سموري سنڌ جي عوام گڏ آهي نوابشاهه پوليس بلاجواز گرفتاريون ڪري نوابشاهه جو امن سبوتاز ڪري رهيو آهي ايس ٽي پي هميشه سنڌ جي عوام جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي سنڌ جي لڙائي ۽ لڄ جو محافظ ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ جي وحدانيت ۽ سنڌ جي مظلوم عوام جو سهارو آهي سنڌ جي ڪنهن به ماڻهو سان ظلم ٿيندو آهي ته ايس ٽي پي سراپا احتجاج هوندي آهي اسان سپريم ڪورٽ پاڪستان هاءِ ڪورٽ سنڌ ۽ آئي جي سنڌ کي اپيل ٿا ڪريون ته ايس ايس پي نوابشاهه کي فلفور هٽائي نوابشاهه جو امن بحال ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايس ٽي پي سراپا احتجاج هوندي.

بقايا | سنڌيار | 18

لاءِ جهڏو نادرا آفيس جا چڪر ڪٽي رهيو آهيان. نادرا آفيس ۾ موجود عملدار اشوڪ ڪمار ڪيتري وقت کان دلاسا ڏئي رلائي رهيو آهي. هن چيو نادرا ملازم ڪاغذ ڏئي مختلف جڳهن تان صحيح ڪرائڻ جو چئي اسان جو مذاق اڏائي رهيو آهي . اسان غريب پورهيت ماڻهو مزدوري ڪندا آهيون جيڪي روز نادرا آفيس جا پاڙا پري ٽڪي پيا آهيون مسئلو حل نه پيو ڪيو وڃي. هن چيو ته اسان نادرا ملازم خلاف شڪايت ڪئي ته هو هاڻي ڌڙڪا داٻا ڏئي رهيو آهي هن چيو ته ان معاملي جي جاچ ڪري ملازم خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي نادرا ملازم اشوڪ ڪمار ٻڌايو ته برٿ سرٽيفڪيٽ ناهڻ منهنجو ڪم ناهي. لڳايل الزام بي بنياد آهن.

بقايا | سنڌيار | 19

آل سنڌ تپيدار يونين اڳواڻ عبدالمجيد گوراهو، تپيدار ٿالي مٺو پيرزادو، ملوڪ راڄپر، روينيو ايمپلائي يونين اڳواڻ غلام مرتضيٰ مشوري، بابر لاشاري ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا جن نعري بازي پڻ ڪئي ان موقعي ڌرڻي تي ويٺل مظاهرين ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته جنهن ڏينهن کان مختيارڪار روينيو نوشهروفيروز آفيس جي چارج مختيارڪار عزيز جوڻيجو سنڀالي آهي ان ڏينهن کان آفيس جو سمورو ڪم ڪار ٺپ ٿي ويو آهي جنهن سبب ڪاتيدار ڪم نه ٿيڻ جي صورت ۾ شڪايتون ڪرڻ سان گڏ اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائي وڃن ٿا هنن چيو ته گذريل پڻ مهينن کان آفيسر جي بليڪ ميلنگ ۽ هٺ ڌرمي جي ڪري آفيس جو ڪم ڪار ٺپ آهي جيڪو عوام جي ڪمن ۾ دلچسپي ٿي نه ٿو وٺي روز بهانا ڪري ڪم تاري ڇڏي ٿو اينٽري قدر جو ڊوميسايل بي آر بي جي ڪاغذن تي به صحيح نه ٿو ڪري جنهن سبب نوجوان پريشان آهن هنن نگران وزير اعلا سنڌ ، چيف سيڪريٽري سنڌ ، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو ڪمشنر شهيد بينظير آباد، ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز سميت ٻين وس وارن اعلا عملدارن کان گهر ڪئي ته نااهل مختيارڪار عزيز جوڻيجو کي هٽائي اهل مختياڪار مقرر ڪرايو وڃي ته جيئن آفيس جو ڪاروهنوار هلي سگهي ٻي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا | سنڌيار | 20

ايوب ساسولي جاويد جان شهزاد برهماڻي ناصر خٽڪ بابا بلوچ مظهر باجوا معصوم علي حميد لڪپتي سرفراز سنگهه صدام خان گل شير پنهور غلام مرتضيٰ شفيق خان نديم بلوچ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سيف الله نور، چوڌري سعيد اقبال ۽ ٻين چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ماضي ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ۽ هاڻ به پيپلز پارٽي تمام گهڻا ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. هن وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ به پاڪستان پيپلز پارٽي جي خلاف ڪيترائي اتحاد ٺهيا پر ناڪام ٿيا هنن چيو ته پنج نومبر تي پاڪستان پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان چيئرمين جي سيٽ تي ڪامياب ٿيندي

بقايا | سنڌيار | 21

ملازمن جي جبري بدلين توڙي سندن رهائشي ڪوارٽن توڙي پلاٽن تي ڪيل قبضن کي خالي ڪرائي روينيو کاتي جي سمورن ملازمن جا پروموشن ڪرائڻ لاءِ ڊي سي آفيس اڳيان هڪ احتجاجي مظاهرو حيدرآباد ڊويزن جي مرڪزي صدر رياض ڪوسو، ڄامشورو جي ضلعي صدر موسي روڏناڻي، ٺٽي ضلعي جي اڳواڻ فهد ٻبر، اسماعيل جتوئي، توفيق ميمڻ، سڪندر منگسي، نائو خان جوکيو، فهيم داٿود پرتو، اصغر پارهيڙي، حسن ناريجو، غلام نبي ملاح جي اڳواڻي ۾ ڪري سخت نعريبازي ڪندي چيو روينيو کاتي جي ملازمن کي احتجاج ڪندي 5 ڏينهن گذري ويا آهن، پر ڊي سي ٺٽو سندن جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ نه ئي روينيو ڪالوني جي ڪوارٽن توڙي روينيو کاتي جي ملازمن جي رهائشي ڪالوني لاءِ مختص ٿيل پلاٽن تان ڪو قبضو خالي ٿي سگهيو اهي، ٺٽي ضلعي ٺٽي جي روينيو کاتي جي ملازمن کي اڃان تائين پروموشن ، ملي ناهي سگهيو. جنهن ڪري ملازم سراپا احتجاج بڻجي آفيسن جي تالا بندي ڪري بڪ هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري ورتي اهي، جتي هو پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ پرامن احتجاج جاري رکيو پيا اچن. هن گهر ڪئي روينيو کاتي جي ملازمن جا سمورا جائز مسئلا حل ڪري ملازمن جون جبري ٿيل بدليون واپس ڪرائي، سندن خلاف ڊي سي ٺٽو پاران شروع ڪيل انتقامي ڪاروايون بند ڪرائي ڪين پريشاني کان بچايو وڃي. احتجاجي ڪئمپ تي آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئشن حيدرآباد ڊويزن جي صدر رياض ڪوسو، ڄامشورو جي صدر موسي روڏناڻي جي قيادت ۾ سمورا اڳواڻ بڪ هڙتالي ڪئمپ تي پهچي احتجاج ڪندڙ روينيو کاتي جي ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي سائڻ هر قدم تي ساٿ نڀائڻ جو وچن ڪندي ڊي سي ٺٽو کان مطالبو ڪيو هو فورن ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪري ڪين پريشاني کان بچائي، ٻئي صورت ۾ سنڌس خلاف پوري سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ کي وسيع ڪيو ويندو ملازمن جي احتجاجي ڪئمپ تي ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار | ايڊيٽر اعجاز مغر | Reg No 2677 | ABC Certified | ڪراچي | Daily SINDHYAR Karachi | www.dailysindhyar.com | NTN 4129440-8

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com